
لباس
قاضی منظور

Soorih Sindhi Adab

جي لهوارو لوڪ وهي ، تون اوچو وهه اويار

0344 3919786

0300 3404488

Sahib Khan "SOORIH" Mirani

لهرن
لـک
لباس

شاعري

قاضي منظور

SOORIH SINDHI ADAB

شاعر جا حق ۽ واسطا قائم

ڪتاب : لهرن لڪ لباس

ڇاپو : پهريون

شاعر : فطهوي منظور

ڇپائيندڙ : امان الله صديقي

ڪاپيون : هڪ هزار

سال ۽ مهينو : مئي 1990ع

پاران : نتاشا پبليڪيشن ، ذوالفقار باغ لاڙڪاڻو

ٽائيٽل : سهيل پروسيس

ڪيليگرافي : منصور عالم ابڙو

ملهه: 16.00 روپيه

هيءُ ڪتاب امان الله صديقيءَ ”نواز“ پرنٽنگ پريس، ايمپائر روڊ لاڙڪاڻي مان ڇپائي نتاشا پبليڪيشن ، ذوالفقار باغ لاڙڪاڻي مان پڌرو ڪيو.

SOORIH SINDHI ADAB

ارپڻا :

آمريت جي دور ۾ جمهوريت لاءِ
سر صدقي ڪندڙ شهيدن جي نالي.

قاضي منظور

SOORIH SINDHI ADAB

اهڙن لکين لباس، پاڻي پسڻ هيڪڙو،
اونهي تنهن عشق جي، واري ڇڏ وساس،
جت نانءُ نهايت نينهن جو، ڪوهه اُت پنهنجي ڪاس،
ٿون جي تلاش، لاهه ته لالن لڳ ٿئين.

— ڀٽائي

SOORIH SINDHI ADAB

سنڌي شاعريءَ جو هڪ روپ

ڪتاب انساني سماج جا عڪس هجن ٿا. اهي اسانکي پاڻ پاڻ جا ويچار رسائڻ سان گڏوگڏ انهن سمورين معروضي حالتن ۽ انساني قدرن کان آگاهه ڪن ٿا، جيڪي ان مخصوص دور ۾ ڏسڻ پسڻ ۽ سمجهڻ جوڳا هجن ٿا. ڪتاب جو اهو اهڙو ڪارج خاص ڪري تخليقي نوعيت جي لکتن ۾ لازمي عنصر سمجهيو وڃي ٿو ۽ جڏهن اهو عمل شاعريءَ جي حوالي سان ٿئي ٿو تڏهن ان وسيلي شاعر ۽ ان جي پڙهندڙ وچ ۾ هڪ نهايت ئي نازڪ تعلق پيدا ٿئي ٿو. نازڪ ان ڪري جو ان جي پڌرو ٿي، ماڻهن اڳيان اچڻ ڪانپوءِ هڪ طرف پارکو ۽ نقاد لاءِ اهو مواد گهري مطالعي جو سبب پيدا ڪري ٿو، ته ٻئي طرف اهو ادبي ذوق رکندڙ ماڻهن جي اپياس هيٺ اچي ٿو. انهن ٻن طبقن ڪانپوءِ جيڪو ٽيون طبقو ڪتاب پڙهي ٿو اهو انهن ماڻهن جو آهي جيڪي ڪتاب کي ڳڻهن ته نهايت سنجيدگيءَ ۽ اٿاهه اتساهه سان ٿا، پر انهن وٽ پرک جو عنصر يا ته هجي ئي نه ٿو

يا وري ماڻهو هجي ٿو. ان ڏي پڙهندڙ طبقي جا البت اڪثر پڙهندڙ پنهنجي سياسي، سماجي ۽ ثقافتي وايو منڊل موافق جڙيل ۽ پنهنجي نوعيت جي سنواريل ۽ اوساريل مزاج موافق ڪتاب ڪي پڙهن ٿا ۽ اهي شيون ان مان ڳولهين ٿا، جن کي هو پنهنجي ضرورت سمجهن ٿا.

سنڌ ۾ انهن اهڙن پڙهندڙ ماڻهن جي دنيا ڏاڍي ننڍڙي ۽ محدود آهي، پر پوءِ به انگ اکر ٻڌائيندا ته مجموعي طور ادبي ڪتابن جي پڙهندڙن جو تعداد، ۽ خود تناسب ملڪ جي ٻين پرڳڻن جي ڀيٽ ۾ گهڻو وڌيڪ ۽ بهتر آهي. ان جا مختلف سبب ٿي سگهن ٿا، پر اهي اسان جي بحث جو موضوع ڪونهن، تنهنڪري پاڻ هن ڪتاب ڏانهن موٽون ٿا، جنهنجو ليکڪ مٿي ذڪر ڪيل پڙهيل لکيل ماڻهن جي سمورن طبقن ۾ سرگرميءَ سان ڳانڍاپيل رهيو آهي ۽ ڳانڍاپيل آهي.

اهو شخص، جيڪو هن ڪتاب جو اپائيندڙ آهي، سنڌ جو ڄاتل سڃاتل نوجوان شاعر قاضي منظور آهي، جيڪو هاڻ به زندگيءَ جي اٿاهه گهراين سان اسانکي انيڪ سماجي، سياسي ۽ ثقافتي سرگرمين ۾ نظر اچي ٿو.

قاضي منظور ١٩٧٠ع واري ڏهاڪي ۾ سنڌ جي سماج ۾ هڪ سرگرم سماجي ۽ سياسي ڪارڪن طور داخل ٿيو، جڏهن ملڪ ۾ ڀرپور پيرو، ۽ خاص ڪري سنڌ ۾ عوام دوست سياست جو هل هلائيندڙ سمورن طبقن ۾ هڪ هلچل طور چانڊجي رهيو هو. اسانوت ڀرين مهاڀاري جنگ پنهنجا گهرا اثر ڪو نه ڇڏيا، سواءِ انجي ته بين الاقوامي هلچل ان جنگ ڪانپوءِ ڪر ڪنيو. ٻي مها ڀاري لڙائيءَ تائين انسانن جي بين الاقوامي برادري وري ٻــ حڪمران ٽولن جي توسيع پسندي جو ڪاڄ ٻڻجڻ لاءِ اسري سگهي ۽ ٻي مها ڀاري جنگ سڄيءَ دنيا کي ششدر ۽ ڏانوانڊول ڪري ڇڏيو. جيتوڻيڪ اسانجو هي خطو جنگي تباهه ڪارين جو شڪار ان حد تائين نه ٿيو هو ان جي ڀيهر تعمير جو عنصر اسانجي سماج ۾ پيدا ٿئي، پر ٻي مها ڀاري لڙائي جي اثرن کي اسين نظر انداز نٿا ڪري سگهون، جيڪي هن خطي تي پيا. ان جو هڪ ثبوت ننڍي کنڊ جي ورهاڱي جي صورت ۾ اسانجي سامهون آهي.

دنيا ۾ آيل ايڏي وڏي لرزش ۽ جنگي هاڃن، توڙي ننڍي کنڊ ۾ پيــدا ٿيل سياسي شعور جي

لهرن لڪ ابياس ــــ ٧

نتيجي ۾، اهڙو ڪٽنب ۾ پيدا ٿيو ۽ جنهن سياسي
شعور نئين دنيا جي احساس سان هڪ نئين زندگي
جي شروعات ڪئي، ان ۾ اسانجو علائقو بدنصيبين
جو شڪار بڻجي ويو، جتي عوامي مفادن سان
لاڳاپيل سياسي تحريڪن کي نئين ملڪ جي جوڙجڪ
۽ تعمير کان الڳ ڪري، ان طبقاتي- سياسي-
سماجي ڍانچي کي مڙهيو ويو، جنهن سان نه وطن
کي لاڀ مليو ۽ نه ان جي عوام کي، ڇاڪاڻ
ته حڪمران ٽولا برطانوي بيٺڪي راڄ جي پاليل
جاگيردارن، سکيا ڏنل ڪامورن ۽ نئين سر پير
کوڙيندڙ صنعتڪارن تي مشتمل رهجي ويا ۽
سماج جي اُسر ۾ عوام دوست تحريڪن لاءِ نه
رڳو الڳ ڪيو ويو پر انهن جي سرواڻن کي
لڳاتار زنجيرن ۾ جڪڙي پڻ رکيو ويو. اها
صورتحال ساچهه ۽ سياسي- سماجي شعور کي ٻه
ڏهاڪا منجمد رکندي آئي، تان جو ملڪ ۾ پهرئين
۽ ٻئي فوجي راڄ خلاف نفرت ۽ سجاڳيءَ
پورهيت طبقن کي گڏ ڪري ايوب شاهيءَ جو
خاتمو آندو. قاضي منظور ١٩٦٧ع ۾، جڏهن سندس
عمر فقط ٻارهن سال هئي ان عوام دوست هلچل سان

واڳجي ويندو. اهو دور، جڏهن سنڌ ۾ ون يونٽ خلاف هر سنڌي سجاڳ ٿي حڪمران ٽولن سان سڌي ٽڪر ۾ آيو. سنڌ ۾ آيل سياسي سجاڳي ۾ اهم دور طور لکيو ويندو. اهوئي زمانو هو جڏهن عوام دوست قوتون ملڪي سطح تي متحد ٿي رهيون هيون، جن جي نتيجي ۾ ملڪ اندر ڀڙيون پارليامينٽ چوندون حڪمران طبقن جي مجبوري بڻيون.

قاضي منظور ان دور جي پيداوار آهي. ستر جي چوندن ڪاڌوء حڪمران ٽولن وچ پهل ڏلر ملڪ جي ورهاڱي جو سبب ته بڻيا پر ساڳئي وقت ان دور ملڪ جي ماڻهن جي هر طبقي کي سياست ڏانهن متوجه پڻ ڪيو، خاص ڪري نوجوانن کي. اهو ئي اهو دور هو جڏهن زندگيءَ جي هر شعبي ۾ نئون ولولو، نئين امنگ، نئين جاڳرتا ۽ سڀ کان وڌيڪ زندگيءَ ڏانهن ذميدارانه رويو پيدا ٿيا. ذوالفقار علي ڀٽي جي متاثر ڪندڙ شخصيت جي ڇهه، ويجهڙو رهڻ ڪري قاضي منظور سنڌس شخصيت موافق پنهنجي پاڻ کي ان سياسي رويي

ذاتهن ڪٽي آيو ، جڏهن هڪ عوامي ڪارڪن کي سماج ذاتهن ذميدار بڻائي ٿو.

پر اڄ جي سنڌ جي شاعر جي سڀ کان پهرين ذميداري ڪهڙي آهي؟ هڪ سان هڪ ساڄهه پرڏي ماڻهوءَ جو جواب اهو هجڻ گهرجي ته شاعر لازمي طور تي، ۽ سڀ کان اڳ طبقاتي شعور رکندڙ هجي ۽ پنهنجو رشتو لازمي طور انهن طبقن سان ڳنڍي جيڪي سماج جا جوڙيندڙ، معمار ۽ حقيقي اڏيندڙ آهن. اهي اڏيندڙ آهن پورهيت طبقا ۽ قاضي منظور انهن سان پنهنجو رشتو هن ريت ڳنڍي ٿو:

غريبن جي گهرڙن ۾ گم ٿي لڪان ٿو
اتان ڏيئي قصا ۽ ڪهاڻيون ملن ٿيون.

ستر واري ڏهاڪي ۾ عام سنڌي ماڻهو شهري زندگيءَ ۽ وقت جي تقاضا موجب صنعتي زندگيءَ جي قدرن کان واقف ۽ مانوس ٿيو ۽ پاڻ کي انهن قدرن ۾ رچڻ لڳو، پر اها به حقيقت آهي ته اٽڪل روءِ ٻه ڏهاڪا ان نوعيت جي سماجي قدرن سان راڄي رهڻ جي باوجود سنڌي ماڻهوءَ مان ڳوٺاڻي زندگيءَ جا رنگ روپ ۽ هيڪار ختم

ڪونه ٿيا آهن. ان روئداد کي منظور ته نه رکيو محسوس ڪيو آهي پر پنهنجي شاعريءَ ۾ بوجھ آندو آهي:

هو ته هر روپ ۾ آ ڳوناٺو،
ڪيترو پيو ڪٺي هو شهري ٿئي.

ستر واري ڏهاڪي جي سياست جا رنگ روپ، سال ۽ رخ اميدن سان ڀرپور هئا، جن ۾ هر ڏس ۾ ماڻهو بهتر مستقبل جي اميد سان سرگرم عمل هو. قاضي منظور به فطري طور انهن ئي اميدن ڀري سياست ۾ سرگرم هو ۽ ان وقت سندس ڌيان فن لطيف ڏانهن رکيو ان حد تائين هو، پر ان جو شعور منجهس ڪر پيجي جاڳي رهيو هو ورنه لکڻ پڙهڻ جي حد تائين سندس سرگرمي ڏسڻ ۾ ڪانه ٿي اچي. پر جڏهن فوجي آمريت ماڻهن جي سياسي هاچال ۽ ڀرپور زندگيءَ جي خواهشن کي هڪ ئي وار سان ختم ڪري ملڪ ۾ ناانصافين، ظلم، تشدد ۽ ڏاڍ ڪي مٿهي چڙهيو تڏهن قاضي منظور جي اندر جو فنڪار پنهنجي ڏکوئيل وارتا کي هن ريت پڌرو ڪرڻ لڳو:

گلستان اميدن جو اوجهل ٿيو ٿي،
لڳا سوچ ٿي اڄ نوان يار پهرا.

ان ڏي، ڪيترن ماڻهن کي هڪ ٻئي کان
الڳ ڪري منجهن اهڙو ڏهڪاءُ پيدا ڪيو جنهو
جتي ڪا رڙ، هدا ڏاڍهن اپري ته ان جي موت
ڪا نه ملي، انگي جلدهن انسان جي سماج ۾ سڏ
پڙاڏا ٻڌجڻ لڳا هئا، اهي ڏڍجي ويا ۽ هر انسان
پنهنجي پنهنجي عذاب جي قيد ۾ بند ٿيندو ويو
جن ۾ فطري طور انفرادي خواهش پڻ پنهنجا گهر
جوڙڻ شروع ڪيا ۽ ٻئي جي مدد جو فرض نڀائڻ
جو احساس ختم ٿيندو ويو. ان صورتحال جي
شڪايت قاضي منظور احمد هن ريت ڪري ٿو:

ڪوئي ٻه ڪنهن جي هان ڪري ٿو نه ڪا مدد،
هر ڪو ٿيو آ ويڙهو پنهن جي خواهشات ۾.

ان ڏاڍي ڏهڪاءَ جي دور ۾ ڏي انسان کي
انسان جي دشمن طاقتن هڪ ٻئي سان ويڙهائي وڌو.
جنهن جي ڏاڍهن اڄ اڃين وڏي واڪ ڪري رهيا
آهيون. ماڻهو پنهنجي آزادي ٻدران پرائي هٿيءَ
تي هڪ ٻئي جو ڳلو گهليون بيٺا آهن:

پرائي هٿيءَ تي ڳي ٿينديرو ٿو پڙجي،
پرائي چوڻ تي ڪجهن ٿيون تراران.

هڪ ذميدار شاعر جو اهو فرض ٿئي ٿو ته

هو جا ڳالهه محسوس ڪري ٿو، ڏسي پسي ۽ سمجهي ٿو، مشاهدي ۾ آڻي ٿو، ان کي بنا هٻڪ چئي ٿو. منظور ان معاملي ۾ هٻڪي ڪو نه ٿو. اڄ اسين جيڪي هڪ ٻئي کي الزام ڏئي ٿي، ٻان تي ڪنهن وڏي گند جا ڇاپڙ چنبڙائي، ٻين کي هر ڏوهه جا ڏوهاري ٺهرايون ٿا ۽ پنهنجي چولي اندر نه ٿا نهاريون، ته منظور هڪل ٿو ڪري:

ڪنهن پنهنجي ڪمزورين تي نه سوچيو،
اڄايو ٻين تي مڙهيو ٿا مهاران.

اتر سنڌ ۾ ڪن لفظن جا اچار ٻيءَ سنڌ کان مختلف هجن ٿا، جيڪي شاعر ورلي استعمال ڪندا آهن. منظور ائين نه ڪيو آهي. مثال طور هنئين غزل ۾ هن بهارون، ترارون، ميارون، مهارون وغيره جا اهي اچار ڏنا آهن جيڪي اتر سنڌ ۾ عام رواج ۾ آهن، يعني بهاران، تراران، ميهاران، مهاران وغيره.

مطمئن ازدواجي زندگيءَ جو اظهار اسان ڪنهن شاعر وٽان ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ "حيدر" کانپوءِ ورلي پڙهيو آهي. مون هڪ ڀيري سنڌي ادبي سنگت ڪراچي جي هڪ گڏجاڻيءَ ۾ هڪ غزل پڙهيو هو جنهنجو ذالو رکيو هئم

"ازدواجي غزل"، ته ٻار ڪايا هئا. اسان وٽ عشق جو تصور برائي زاويان سان سمجهيو ۽ لاڳو ڪيو ويجي ٿو. ان سان زندگيءَ جي جمالياتي پهلوءَ کي ازدواجي زندگيءَ کان الڳ ڪري رکڻ جي روايت دهرائجندي رهي ٿي ۽ پڻ سماج جي هڪ اهم اداري، پرڻيل زندگيءَ واري اداري کي بي چس ۽ ناموافق سمجهيو ويجي ٿو. شادي جيڪڏهن سماج جو آدرش ناهي ته ماڻهن کي اهو ادارو ٽوڙڻ ۾ به جرئت سان اڳيان اچڻ کپي ۽ ان کي سماج مان ختم ڪري ڇڏجي! آءٌ سمجهان ٿو ته ائين ڪونهي. چاهيل ازدواجي ساٿي نه ملڻ اسان جي طبقاتي سماجي ڍانچي جي خرابيءَ جو نتيجو ته ٿي سگهجي ٿو پر ان اداري جي اهميت گهٽائڻ جو جواز نه ٿو بڻجي سگهي. تمام ٿورا ماڻهو مطمئن ازدواجي زندگي ماڻيندا آهن. منظور جي شاعريءَ ۾ ڪي قدر اهڙو اطمينان سندس غزلن مان ملي ٿو:

جيئون ۾ جنهن پاتيون جهاتيون،
تنهن سان منهنجيون گذريون راتيون.

دور ھئاسون صديق ڪان ڇــڻ ،
ايــنديون ڳل ڳــراٽيون پاٽيون .

ڪنهن پنهن جي اولاد جي ڄمڻ تي ان جي ٻالڪپڻ ، جوانيءَ ۽ جدوجهد جي ڳالهه ڪئي آهي ته اهو فقط شاعر ئي آهي، جيتوڻيڪ اهــڙو اظهار ڪندي شــاعر خوشحاليءَ جون خواهشون پنهنجي پٽ سان منسوب ڪندو آهي ، پر قاضي منظور ان جي ابتڙ پنهنجي پٽ جي ڄم تي موجود حال ۽ ان جي حــالتن موافق سندس اوسر جي ڳالهه ڪئي آهي.

تخني ميٽي، ڪاڪ سان ويهي لفظن کي جوڙيندو ،
لفظ لفظ کي دوست بڻائي ، دل جا در کوليندو .
هٿڪڙين ۾ هٿڙا پــائي ، موڙن وانــگي ٿلندو ،
جيلن ۾ ڏيپ ، اوچو اوچو ڳـــاٽ وڏائي گهمندو .

اسان جو سماج هاڻي ڇٽيءَ ريت وائکو ٿــي ويو آهي ته ٻهراڙين ۾ زندگي گهاريندڙ عوام شهر واسين جي ڀيٽ ۾ نهــايت ئي ڏکي ۽ بي آسائش زندگي گهارين ٿا . ٻنهين زندگين جا معيار انتهائي مختلف آهن . قاضيءَ جي لفظن ۾ :

جيتري دير ۾ جهوپي جا ڪک ڄڻن ،
اوتري دير ۾ هت محل نهي ٿو يارو .

سکن وٽ ان جو ڪالھو ڪونھي،
اسان جي گھر ۾ اونديون اڪريون.

جيڪڏھن اڄ ڪو ماڻھو دعويٰ ڪري ٿو تہ وطن جي ٻورھيت طبقن کي، جن کي حاڪم طبقن زوراورين سان ڪمزور بڻائي رکيو آھي، اڄ ڪنھن پنھنجي ذات سان ھوشيار ڪيو آھي تہ اھا ڳالھہ نھايت ڪَـل جھڙي ڇئبي- ۽ اھڙي دعويٰ ڪي سياسي ڌريون اڄ ڪن بہ ٿيون، جيتوڻيڪ زندگيءَ جي ان نوعيت جي ھلچل گھڻي پراڻي آھي. خود ورھاڱي وقت ۽ ان کان فورن پوءِ بہ، اڄ تائين اسان کي اھڙا ڪيترا ڪردار ملندا جن پنھنجي زندگين کي ھيٺين ڪيل طبقن ۾ ھمت ۽ حوصلي جا ڳاٽ لاءِ وقف ڪري رکيو آھي. اھا ھڪ لڳاتار جاکوڙ آھي جا ماڻھو پريا انسان گھڻي زماني کان جاري رکيون پيا اچن. سنڌي ادب ۾ تہ اھو نقطہ نظر ھڪ بنيادي نقطي طور شامل رھيو آھي، جنھن ۾ بلاشڪ نظرياتي آميزش موجود آھي. اھا ذميداري قاضي منظور بہ پاڻ تي ھن ريت قبول ڪري ٿو:

زورآور ماڻھن جو زور گھٽائڻ لئہ،
ھيٺن کي ھوشيار تہ ڪرڻو پوندو آ.

۽ وري ڏاڍي کي مات ڪرڻ لاءِ هو قربانيءَ کي به لازمي سمجهي ٿو:

ڪنهن کي مارڻ لاءِ ته مرڻو پوندو آ،
ڏنڊ اهو ڌرتيءَ جو ڀرڻو پوندو آ.

بي هٿيار ماڻهن ۾ سجاڳي ۽ جدوجهد جي جاڳرتا کي هو هنن لفظن ۾ بيان ڪري ٿو:

ڪر نِنڊڙن ٻڪين ڪنيا آهن،
باز اندر ڏي اندر ڪامي ٿو.

سنڌ اندر ٿيل تازن ڪوسن بابت، جيڪي مسڪين عوام سڄي سماج جي چوڪاري لاءِ کيل سڌ ورنائيندي، پاڻ تي سڻا ۽ تاريخ جوڙي ڇڏي، قاضي منظور حيرت زندگيءَ ۾ حقيقت کي هن طرح بيان ٿو ڪري:

مون نه ٻڌا ها، مون نه ڏٺا ها،
هيڏا هاڃا ٿيندا آهن.
گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ چوواٽن تي،
ماڻهو هيئن به مرندا هن.

شاعريءَ ۾، خاص ڪري غير ذميدار رومن واري شاعريءَ ۾، شاعر انفراديت پسنديءَ کي، خود نمائيءَ کي عام طور ورجائيندا آهن. قاضي

منظور ان روايت کي هن ريت ٽوڙي، زندگيءَ جي وسعتن ۽ ان ۾ فرد جي حيثيت کي هن ريت بيان ڪري ٿو:

زندگيءَ جي اٿاهه سمنڊ اندر،
جيءَ جيئڻ جو ڦٽيل ٻيڙو آ.

ڏاڍ جي قوتن سان جهيڙيندڙ ۽ مهاڏو اٽڪائيندڙ ماڻهن کي ڪيڏي جهجهي تعداد ۾ گذريل هڪ ڏهاڪي اندر قيد ۽ بند جون صعوبتون ڏنيون ويون، ان جو مشاهدو اسان سڀني ڪيو آهي. منظور ان روش تي ڏاڍ ڪندڙ سان هن ريت احتجاج ڪري ٿو:

وڙهندڙ جوڌا واڙين ٿو،
رت انهن جو ڪاڙهين ٿو.
ڪنهن کي ماري ڪنهن کي ٽاري،
ڪنهن جو جهوپو ساڙين ٿو.

اظهار جي آزادين تي پابندين تي هو هن ريت حوصلي مندي ۽ جرئت جو اظهار ڪري ٿو، جنهن ۾ نواڻ به آهي ته ٻوليءَ جي مٺاس به:

ڪهڙو ٻي ٿون قلم لڳائين،
ٻول نه ٻر ۾ لڪندا آهن.

سنڌ اندر پاڻ ۾ وڙهندڙ گروهن کي دو من
ريت سمجهائي ٿو ڏئي :

چٽ چڙيا سي چنبا آهن،
جيڪي پاڻ ۾ وڙهندا آهن.
ٿوري ڳالهه تي ڏوڙ ۾ پٽڪا،
هرو ڀرو ڀي ڪرندا آهن.

سنڌس هڪ غزل جا هي بند وطن پرستي
جو هڪ عجيب نمونو آهن :

جيڪو ديس سان سچو ناهي،
ڪجهه ڀي ان جو ٻچو ناهي.
وقت جي واڳ ورهائي ڪٿجو،
هيڪل سانئيڻ چرچو ناهي.

سنڌ ۾ ڪاري - ڪاريءَ جي مڪروهه روايت
ڇا ڪنهن غزل جي بند ۾ آڻڻ ممڪن آهي، جنهن
۾ جوڙي سان همدردي ۽ ان جي جرئت جو بـه
ذڪر ٿي سگهي؟ هائو، منظور ائين ڪري
سگهي ٿو :

هو، جن اوچو ڳات ڪيو هو،
سي ٿي ٿي ويا ڪارو ڪاري.

گهڻا ماڻهو هروڀرو پنهنجو قد وڌائڻ لاءِ

پنهنجي سماجي واڌو منڊل کان نڪري پس ڏيهي دنيا يا بين الاقوامي تعلقات جي تناظر ۾ اونڌڙيون سهيون ڳالهيون ڪندا آهن. قاضي منظور سنڌ کي پنهنجي ڪائنات بڻائي، ان ۾ بي سمجهه ماڻهن ۽ قبيلن، گروهن ۽ ذات پات جي جهيڙن جي پس منظر سان غزل ۾ سنڌ ن تباهين کي هڪ بند اندر ڪيئن سموهي ڇڏيو آهي:

جاتي ڪاتي جنگيون جهيڙا،
ناس ويا تي ڪيئي ويڙهـــا.

۽ ان سطحي جهيڙي جـو نتيجو ڇـــا ٿو نڪري:

جيڪو پٽي جي پٽڙي پوڙي،
پڌندا آهن تنهن جا بيڙا.

شمشير الحيدريءَ ۽ مون جيڪو عرصو گڏ گذاريو آهي، ان ۾ مون مشاهدو ڪيو آهي ته مون کي انڌادي هجڻ جي ۽ شمشير کـــي لاڙي هجڻ جي مڪي (فرق - پيد) رهي آهي. سنڌ واسين جي هڪبئي سان ان روش کي هو هن ريت نندي ٿو:

يـــار! سڏائڻ ڇـڏ اتردي،
هو به ته پنهنجا آهن لاڙي!

گذريل ١٢ سال آمريت جي ماتارين سند
جي ڀهرازين سان ويل وهايا ۽ شهرن کي بارونق
بنائڻ ۽ پر ڪشش ڪرڻ لاءِ عجيب ۽ مڪروهه
ڪيڏ ڪيڏيا. ان دور جو شاعر ڪهڙي نظر سان
ان دور ۾ پسورهمت طبقن جي ڇيپانجڻ جي
صورتحال کي غزل ۾ هن ريت پيش ٿو ڪري:

ڪا به ڇر پر غريب غربي جي،
موت سان مات ۾ ملائين ٿو.
شهر پنهنجي جي رونقن خاطر،
ڳوٺ منهنجا کهٽا ڦتائين ٿو.

پوري ٿيندڙ ڏهاڪي ۾ اسان ڇا ڇا نه ڏٺو:

سوچن وارا ماڻي گم ٿيا،
هاڻي ڪنهن لئه پايون ڦيرا.
ڪارڻ منهنجي تنهائيءَ جو،
هر پاسي ڪان ڪهڪهه انڌيرا.

منظور جي غزل جو هيءُ نمونو اسان جي
جديد ۽ ترقي پسند ادبي روايتن سان ڪيئن نه
اٿاهه موافقت رکي ٿو:

ڏونگر ڏاريو، ويري ماريو،
ٻڪ وجهي ٻر، ٻڌندا تاريو.

لهرن لک لباس — ٢٠ - الف

اندڪارن ۾ ڇو ٿا ڪهاريو،
هيل ته ڪوئي ٻارڻ ٻاريو!
هاڻي پنهنجي پوڙهه مٿاران،
برباد ٿيءَ چا ٻـادل ٽاريو.

سنڌ جو پاڻي مٿان ڏي مٿان ڏوڪي وجهڻ جون ڪيڏيون ڪوششون ۽ سازشون گذريل ڏهن سالن ۾ وائکيون ٿيون. غـزل جي صنف ۾ انهن ويڌنن کي هيئن آندو ويو آهي:

هر پاسي کان بند ٿيهن ٿا،
ڦڙي ڦڙي کان سڪندو هاري،

....

بند ان ٿـي نوان ٻڌڻ خاطر،
هر ڪو دشمن ٿيو ڪٿو آهي.

....

ڪنهن ته پاڻي انهن جو روڪيو آ،
جن جو سارو سڙي ٿو ٻيجارو.

جدوجهد جا غير روايتي ڍنگ ۽ طور طريقا به شـاعر ڏسي ٿو:

وڌڻه هاڻي ڪريو ڪا ڳهڻ پاسي،
وار هڪڙو ڏي ڇو ٿا ورجاهو؟

خودداريءَ جو سنڌ ۾ هيءُ مثال اعليٰ روايتن مان اهم آهي:

آڻ هاڻي اوهانجي ڪٿ مڃجي،
ڪنڌ منهنجو ڪنهن کان ڪيرايو.

نمائش ۽ معصوم طبقن سان ڏاڍ، بک ۽ بدحاليءَ جي خلاف جدوجهد جي انساني ايندي تاريخ جا آدرشي ڪردار ياد ايندا آهن:

ڏاڍ جو ڏيهه آ، ظلم آهي،
ڏاڍهن پڌجي نه ٿي نماڻن جي.
اڄ به ٿيڻي گهري پئي ويلا،
بک ساڪي اها اباڻن جي.
ڪو نه مخدوم وري پيدا ٿئي،
اڄ ماري، عجيب ڪهاڻن جي.

شرفاء جي طبقي ڪڏهن به ڪنهن به سماج ۾ اعتماد نه ڪثيو آهي:

انسانن جا دشمن پي اڄ،
شرفاء ۾ ٿيا سڀ شمار.

سنڌ اندر ٿيندڙ واڌاري ۽ خودپسندي ۽ خودنمائيءَ واري سياست کان سنجيده طبقا ڪيڏو بيزار ٿيا آهن، شاعر ان جو اجهل اظهار به ڪرڻ لڳو آهي:

لهرن لڪ لباس — ۲۰ ت

خلق جڏهن ٿي پئي بيزار،
سياست دانن اچليو چار.

....

جلسو آ ڪو سياسي، يا؟
جادوءَ وارن جو آ ڊوهه.

....

سي چا اڳتي وڌندا جن،
چنڊ پنهنجن تي آ ڇوهه.

قاضي منظور جي شاعريءَ کي پڙهي ماڻهو محسوس ڪري ٿو ته هن لفظن جي جوڙجڪ ذريعي ڪنهن سهڻي سٺي خيال کي هرو پرو هٿان وڃڻ نه ڏيندي زوريءَ هڪ اڌ سٽ جي پورت ڪرڻ لاءِ غزل مڪمل ڪرڻ بدران، هر غزل ۾ سماج جي ڪنهن نه ڪنهن حقيقت کي نه رڳو ظاهر ڪيو آهي بلڪ ان کي ان ريت بيان ڪيو اٿس جو سندس ڳالهه تاريخ جو حصو بڻجي وينديءَ. سندس هڪ غزل جون هي سٽون ٿي ڏسو، جن ۾ ڪيترين معنائن ۽ حقيقتن هڪ ئي وقت موجود آهن:

لهرن لڪ لباس ــــــ ٢٠ ـ ٿ

نيڪ وڏائيءَ جي هن سماج اندر ،
اڻ ڀاڳي جي هڪ هٽي آهي .

وري هڪ غزل جي هڪ بند ۾ هو سماج جو نقشو هن ريت چٽي ٿو :

ڪڙهن ٿا پيا انسان مانيءَ جي خاطر ،
هٿيارن جو هر هنڌ ڇٽوڇول آهي .

استحصالي ٽولن جي ڪرتوتن تي نظر رکندي هو پورهيت طبقن ۾ ايندڙ شعور ۽ تنظيمي سرگرمين کي ڏسي چٽي ٿو :

مٿان پيٽ ٻڪيا اٿي ڪي پون ،
اميرن کي هاڻي ڪان دل هول آهي .

صنعتي نوعيت جي زندگيءَ جي هڪ هٿان ۾ موٽر ميسر هجڻ واري فرد کي مخاطب ٿي هو ڪيس ٻهراڙين جي ڏتڙيل ماڻهن ۽ فطرت جي حسن بابت احساس ڏياريندي هو هڪ پورو غزل لکي ويو آهي ۽ آخر ۾ هو چٽر هن ريت ٿو ڪري :

رڳو پنهنجي موٽر جو آواز ڇاڻش ، ١
ڏيکي ڳاڏڙن جي به ڇون ڇان پڻه ڪا؟

هڪ طويل غزل ۾ هو پنهنجي چاهنن جو هن ريت اظهار ٿو ڪري :

لهرن لک لباس — ٢٠ ج

مان فقط انقلاب چاهيان ٿو،
چاهتن جو جواب چاهيان ٿو.
ڪنهن چڱي فيصلي ٻڌڻ خاطر،
مان گهٽو ڏي خراب چاهيان ٿو.
ٿر ساري جي بڻ ڏرتيءَ تــــي،
مان ته ٽڙندا گلاب چاهيان ٿو.
ذهنن جي خراب ڇهرن جو،
مان ته لاهڻ نقاب چاهيان ٿو.
جن بکئي پيٽ تي آ ساهه ڏنو،
تن سڀن جو حساب چاهيان ٿو.

طبقاتي فرق ۽ ٻيءَ ياءَ سبب موجود ڇڪتاڻ
کي هو هن ريت ۽ عام فهم نموني بيان ٿو ڪري:

طبقـــاتي ڇڪتائيون آهن،
قاتل چادر، پريل شالون.

اميد پرستي شاعر ۾ نه هوندي ته ٻيو ڪنهن
۾ هوندي:

دل جي ڌرتي آهه ٿريلي،
منڊون نيمڻ ملهـاريون ايندئون.
ٻــوڙا نسري ٻيــلا ٿيندا،
ٻر پٽ منجهه بهاريون ايندئون.

اسان جي شهرن ۾ رهندڙ سنڌي ماڻهن جي ٻوليءَ ۾ ڪي اهڙا فرق آيا آهن جو ماڻهن مان لفظن جي مذڪر - مونث جي فرق جو احساس ختم ٿي ويو آهي. اهڙا ڪيترائي مثال اسان روز ڏسون ٿا. قاضي منظور به ان صورتحال کان پاڻ نه بچائي سگهيو آهي. سندس هڪ غزل ۾ ڏسو، جيئن بند جي آخري لفظ کي هن غلط استعمال ڪيو آهي:

پنهنجن کي ٿي مارڻ واريون،
مون وٽ آهن ڪوڙ "مثالون".

ڌارين جي يلغارن ۾ ڏني وائني ظلم تي هو سنڌ جي مارو ماڻهن کي ٻڌيءَ لاءِ هيئن سڏي ٿو:

هاڻ هوشيار ٿي اٿو مارو!
غير ڪئي سڀ سان هٿ چراند آهي.

ٻين تي ٻاڙڻ بدران پاڻ وڪ ڪڍڻ جي ترغيب هو هن ريت ٿو ڏئي:

وڪ پنهنجي وڌائجي ته چڱو،
پنڌ سارو ڪٽائجي ته چڱو.
ٻئي تي ٻاڙي ويهڻ سٺو ناهي،
پاڻ پنهنجي ٻڌائجي ته چڱو.

اسان جي سماج اندر نيڪي ۽ بديءَ جي طرفداريءَ جا معيار ڪيترا سطحي ٿي ويا آهن، ۽ خاص ڪري سياست جي ميدان ۾؟

وڏا آهن، ورهاستون آهن،
غرض ڪارڻ حمايتون آهن.
ڇا ته ماحول ٿي ويو آهي،
ڪوڙ، دوکي جون سياستون آهن.

منظور ڳائڻ جو شوق به رکندو آهي ۽ استاد بخاريءَ وانگر هو پنهنجيون وايون به جوڙيندو آهي ۽ ڳائيندو به آهي، پر انهن ۾ به هو ڳالهه ساڳي انداز ۾ ڪري ٿو، جنهن سان هو سماج تي مجموعي نگاهه ٿو وجهي:

سوچون سورن وارهون، ويتر سج نه ٿو نڪري،
رات نه ٿي گذري....

سور وهامي ويندا هيڪر، ساٿي ڪو سنيري،
رات نه ٿي گذري....

—........

ساموندين جو سور، ساهه سدائين مٺ ۾،
انگ اگهاڙا ٻار اسان جا مهرڪ اسان کان ڏور—
پيلي پيلي پن ڇڻ رت ۾، مونجهو آ منظور.

اجرو من ڪري، ڪُواڻ ڪِجهاندر ڳاهڙيون -
قيد ڪري ويو ڪوڙ قلم سان، فاتح فن ڪري....
وونئن جو پوکيندڙ ڇو ٿو، ننگو تن ڪري....
مايوسين، ذاتيءَ ڌڪاءَ جي ڏکي دور کي
اوڙانگهي جڏهن ٿيون رت ٿيين انساهه سان جاڳي
اتيو نه منظور ڇيو:

موڙهيه ساماڻو، ڌرتي ڪندو سرهي....
نسري پيهر نڪتو، جو هو ڪوماڻو....

....

اکيون تيز ڪري، گهوري ويري مارجي....
تيسين وار ڪري ونجو، جيسين هو سنيري....

....

ناهي ڳالهه ڳري، سچ تي سر ڏيڻ او سائين!
ڌرتي روشن ڪندي آهي، سچ جي ذات ذري....
شاهه عنايت، صوفيءَ حي ڪا، آهي ياد تري....

....

هوش ڪري ڪو ڌرتيءَ تي اڄ، اونچو مچ مچايو،
پيڙ کو پڙڪايو....
واسينگن جو ويڙهو ويڙهي، ارڏي آڳ لڳايو،
پيڙ ڪو پڙڪايو....

لهرن لڪ لباس ـــــ ٢٠ ـ ذ

وقت ورڻ جو نامي هاڻي، وتري وک وڌايو،

پيڙ ڪو پڙڪايو ـــ

....

عـوام الناس کـان پنهنجي ڌرتيءَ، ماحول ۽ زندگين جا فيصلا ڪرڻ جا اختيار کسي مٿن ڏاڍ مـــڙهي، اقتصادي ۽ ثقافتي استحصال جي خلاف هڪ غزل ۾ هو چئي ٿو:

ڌرتي اسان جي، حڪومت پرائي،
وهه واهه اسان جي ۽ شهرت پرائي.
ڌرتي آ جن جي ۽ دريـاهه جن جو،
تنهن جي آ هيءَ سـاري دولت پرائي.
محنت مشقت تہ آهي اسان جي،
پر جا ملي آ، سا اجرت پرائي.

....

انسانذات سـان عالمي سطح تي ٿيل يا ٿيندڙ ڏاڍ ۽ ايذاء سنڌي شاعريءَ ۾ فقط وڏن شـاعرن پنهنجا موضوع بنـايا آهن. رکـــو مٿي ڏي جي پس منظر تي ٿيل شاعريءَ جو جائزو وٺبو تہ ان جو پتو پـليءَ پت لـڳائي سـگهبو. قاضي منظور اها ضرورت پــوري ڪرڻ لاءِ نہ، پر دل و جان

سان پنهنجي ء جو اظهار ڪرڻ لاءِ هن ريت اپايءَ اٿي ٿو. هيءُ گيت هن آمريت جي دور ۾ مٺي ٻي ماهائن تي بندش وجهڻ جي موقعي تي لکيو هو:

ياد اٿين جي آهن يار ڪلهوڪا ڏينهن،
شڪاگو جي پورن ماريا، ڪارا شينهن.
پورهيت ها، يا اندا رهزن منصف ها،
گولين جا برسايائون، ٻي مندا مينهن.
اڄ ۾ آ هرڪو، بندش هوندي پيي،
سر جو سانگو لاهي، گڏجي مڙيا ڪيئن.
هٿ ۾ جهنڊا، هٿندا نعرا، هليا پئي،
ڪين ڏنا موٽ ڪاٿي پيي، ڪي اهڙا نينهن.

....

اندي، پوڙي، ڪاڏي ۽ ظالم آمريت جي دور ۾ ڪيل هن شاعريءَ جو مجموعي تاثر ڪهڙو مليو ٿو، ان جو اندازو هرڪو ذي شعور پڙهندڙ پاڻيءَ پيت لڳائي سگهي ٿو. ان دور ۾ سنڌ ۾ ڇا وهيو واپريو آهي، پورهيت طبقن سان ڪهڙا ويل وهيا آهن، وڏولي طبقي جي پارڙي ماڻهن ۽ حڪمران ٽولن عوام الناس سان ڪهڙي

لهرن لڪ لباس ـــ ٢٠٠ ز

روشن ٿلي آهي، انهن مينهن وارتائن کي منظور پنهنجي شاعريءَ ۾ آندو آهي، هڪ دور بابت پنهنجن احساسن ۽ جذبن جو هڪ يادگار ريڪارڊ تيار ڪري ورتو آهي. مجموعي تاثر آءٌ پڙهندڙن تي ڇڏيان ٿو ته ان بابت اهي پاڻ فيصلو ڪن. هونئن به ڪنهن به تخليق بابت جيڪو تاثر پڙهندڙ پاڻ لهي ٿو، جوڙي ٿو، اهوئي ان تصنيف ۽ ڪتاب جو قدر بڻجي ٿو. ڪتاب پڙهندڙن جي اڳيان آهي ۽ فيصلو به سندن وٽ.

— هدايت منگي

لاڙڪاڻو، سنڌ

()

عجب حالِ محفل، عجب حالِ ياران،
خزائن جان خوني لڳن ٿيون بهاران۔

اسانجون ته سوڙيون به آهن آ-پوريون،
پون ٿا ڏگها پـــڙ مزارن مٿاران۔

پرائي حشيءَ تي ڏي سندرو ٿو ٻڌجي،
پرائي چوڻ تي کڄن ٿيون تراران۔

ڪنڌيءَ سان ڪنڌي آ ڀڄي ڪين ٿو ڪو،
پيلا قرب لئه ڪير ايندا قنڌاران۔

ڪڏهن پنهنجي ڪمزورين تي سوچيو،
اجايو ٻين تي مڙهيو ٿا مياران۔

اهو قافلو پيي ته چڙ واڳ ناهي،
انهيءَ جون به آهن ٻين هٿ مهاران۔

O

ٽڙن ٽا ڪيئي گل ۽ مکڙيون ڪلن ٿيون،
اسان ساڻ روحن جون راڻيون ملن ٿيون.

غريبن جي گهرڙن ۾ گم ٿي لڪان ٿو،
اتان ئي قصا ۽ ڪهاڻيون ملن ٿيون.

ناراض هوندي به هنجي اکين سان،
نگاهون اسانجيون نماڻيون ملن ٿيون.

ڇريون ڪيئي ڪارن ۾ گهمندي ڏسانٿو،
سوين پور سورن ۾ سياڻيون ملن ٿيون.

اهي موڙ جن تان شروعات ڪئي سي،
اتان ئي ته هاڻي پڇاڙيون ملن ٿيون.

هر ڪو هزار ٽڪر ٽٽي حادثات ۾،
ماحول سازگار نہ آ ڪنهن بہ ذات ۾.

پنهنجو اجهو تہ ڪين جڙيو ورهيہ وهاميا،
محلات تنهنجي ڪيئن ٺهي رات رات ۾.

ڪوئي بہ ڪنهنجي هانءُ ڪري ٿو نہ ڪا مدد،
هر ڪو ٿيو آ قيد پنهنجي خواهشات ۾.

هر شيءِ انهيءَ اڳيان ۽ پيو ناهہ ڪو الڪو،
پوءِ پيي ڏکي ٿو لڳي ڪائنات ۾.

ڪوئي تہ سبب هوندو پڇانئو وري وري،
”منظور“ ڇو ٿو لوڪ مري آپگهات ۾.

O

اڪيون آدمين جون اڻڏيرن جو صحرا،
سجائي نہ ٿو ڪو ٿي ڪنهنجا بہ چهرا.

گلستان اميدن جو اوجهل ويو ٿي،
لڳا سوچ تي اڄ نوان يار پهرا.

سمئي ساڻ تن کي سبڻ پيي ڏکيو آ،
جي ايڏا اندر ۾ ٿيا زخم گهرا.

خوشيءَ جا مان تن کي چوان ڪيئن يارو،
جو سڏڪن ۾ شامل لڳن ٿا هي سهرا.

٥

جيون ۽ جنهن پاتيون جهاتيون،
تنهن سان منهنجون گذريون راتيون.

ڏار هئا سون صدين کان ڇڳ،
ايڏيون ڳل ڳراٽيون پاتيون.

ويٺي ويٺي منڊون مٽيون،
پوريون ڪو نه ٿيون پر باتيون.

دور افق مان وسندي وسندي،
رڪجي ويندين هن برساتيون.

هاڻي هيڪل ويا ڪل ويهي،
ڪنهنجي لاءِ لنوان ٿو لاتيون؟

O

آءُ ڪا قرب جي ڪچهري ٿئي ،
صبح ڪانپوءِ پل ٽپهري ٿئي .

بَر بيابان ٿر ٽپي هلبو ،
بس رڳو يار ! سوچ گهري ٿئي .

هو نہ هر روپ ۾ آ ڳوناٺو ،
ڪيترو پيي ڪٺي هو شهري ٿئي .

ڏينهن جو ويٺو آءُ سوچانئو ،
رات گونگي ڪنن ڪان ٻهري ٿئي .

سچ جي راهہ وٺ تہ پوءِ پل جان ،
ڪوڙ جو جڳ جهان ڦهري ٿئي .

٥

ڪيڏيءَ ڪان ڪشمور ڏي هلبو،
هڪڙو ئي بس جهنڊو ڪڍبو.

وقت اچي ويو آهي يارو!
پاري جهڙو پاڻي تربو.

توکان ڇا لئه آءٌ لڪايان،
تو سان سور سمورو سلبو.

توريءَ ناهي هاڻ جياپو،
توکي ساڻ وٺي ئي وڃبو.

گولي گولي ماريو ويندو،
ويريءَ جو هر رستو جهلبو.

O

سچ آڏو اچي ويو آهي،
ڪوڙ چارو مٿي ويو آهي.

آپ تائين پڳا هئا جيڪي،
قد تن جو سسي ويو آهي.

محل هن جو ڏٺم ته حسرت سان،
منهنجو جهوپو جهري ويو آهي.

ڪٿان ته "چور چور" ٻڌجي ٿي،
ڪٿي ته ڪات لڳي ويو آهي.

سچ ٻڌندي ڏي توائي ٿيندي،
يار منهنجو رسي ويو آهي.

٥

سموري حياتي مان ٻرندو ٿي رهندس ،
ڏيئي جان ڪري لاٽ سڙندو ٿي رهندس .

ڏسي حسن ۽ عشق تي ڀهڙا هاڃا ،
زماني جي رسمن سان وڙهندو ٿي رهندس .

ڇڏي ويا هميشه جي لئه جيڪي، تن جي ،
تتي ۽ ٿڌي راهه ڏسندو ٿي رهندس .

تمنائون جيڪي گهٽيون دور آهن ،
پٺيان تن جي هر وقت هلندو ٿي رهندس .

ڀلي بي وفائيون ڪلمن مونتي سائين !
وفا واري سوريءَ تي چڙهندو ٿي رهندس .

مان ٻي لئه ڪڏهن ڪين سوچڻ سکيو آ ،
رڳو گيت تو لئه لکندو ٿي رهندس .

تنهائيءَ ۾ سمنڊ ڪناري،
ڇولين سان ٿو سور پچاري.

ڪوڏ سپين ۾ واريءَ گهرڙن،
سوچ وچائي آ ويچاري.

تو به ته ٻوڙڻ چاهيو هو پر،
لهرون آيون مون کي تاري.

ڪي ڪي ماڻهو اهڙا جيڪي،
موهي ويٺا هن من ماري.

ڪنڌيءَ بيٺي پار ڪڏ پائين،
ٻيڙي هاڪاري ونجاري.

O

ٻن جا سور ۽ سختيون جو سهي ٿو يارو ،
اجنبي شهر ۾ سو ڪيئن رهي ٿو يارو .

ڳوٺ ۾ ان به گنديءَ ۾ لڪائي ٿا رکن ،
شهر ۾ روڪڙو درياهه وهي ٿو يارو .

جيتري دير ۾ جهوپي جا ڪک هٿ سڙن ،
اوتري دير ۾ هت محل ٺهي ٿو يارو .

واهڻ ۾ ٿي ملي قرب جي ڪثرات مگر ،
شهر جي شور ۾ هر ساهه ٺهي ٿو يارو .

درد دنيا جا ويا گهر ڪري گهر گهر ۾ ،
آسمان تان ڪو مسيحا نه لهي ٿو يارو .—

ڪنهن کي مارڻ لاءِ ته مرڻو پوندو آ،
ڏنڊ اهو ڏرتيءَ جو ڀرڻو پوندو آ.

ڇهري جي هر سونهن وڃائي سوچيٿو،
ڪنهن کي ڳارڻ لاءِ ته ڳرڻو پوندو آ.

خوابن جا محلات اڏيندڙ ماڻهن کي،
سڏڪي فوت پاڻن تي سهڻو پوندو آ.

زوراور ماڻهن جو زور گهٽائڻ لءِ،
هيڻن کي هوشيار ته ڪرڻو پوندو آ.

منهنجي راهن جو هر پاسو ڪنڊن سان،
توکي هنجي ڪارڻ ڀرڻو پوندو آ.

٥

چنڊ تي ڀڇڻ جهڙو آهي ؟
حال انهيءَ جو ڪهڙو آهي ؟

هر ڏاڍي سان منهنجو يارو ،
روز ازل کان جهيڙو آهي .

جنهنکي جيئري ڪنهن به نه ليکيو ،
تنهن جي لاش تي ميڙو آهي .

جيڪو ڀئي تي پاڻ کھائي ،
کو کو ماڻهو اهڙو آهي .

ڪنڌ انهيءَ جو آهي نوڙيل ،
جنهنجي سر تي ڀڙو آهي .

هر گُليءَ ۾ نشو وڪامي ٿو،
روز ڪو نئون ڏيئو اجهامي ٿو.

هي جو فوٽ پاٿ تي پيو ڦٽڪي،
هن جو هر ساهه چو وسامي ٿو.

جو ٻه جنهن جاءِ تي نشو وڪڻي،
سو ته هر جاءِ تي اگهامي ٿو.

يار! ڪجهه پيار سان ته ڏس هوڏي،
آدمي آپ ڏي اڏامي ٿو.

ڪر ننڊڙن پڪين ڪنيا آهن،
باز اندر ڏي اندر ڪامي ٿو.

هر طرف ڌنڌ ڌنڌ ڇانيل آ،
چڻ ته ماحول ڏي آيامي ٿو.

٥

ماڙهو ماڙهو مست موالي ،
هر ڪنهن هٿ آ وه جي پيالي .

ڪو نه ڏسن ٿا ٻيو جي چارو ،
روئي کن ٿا ڌرتي آلي .

آوازن تي مات جا تالا ،
ٽڙ گهٽ تي بندوق جي نالي .

اڄ ٿو ٻائيءَ پٽ وڃائين ،
ميان ته هٿڙا هوندءِ خالي .

نانءُ ٻڌو آ ڏٺي نه ناهي ،
کهڙي ٿيندي آ خوشحالي .

ٻج سڙن ٿا، ڪيت سڪن ٿا ،
پيونءِ ٻليءَ تي آ بدحالي .

٥

مون نہ ٻڌا ها، مون نہ ڏٺا ها،
هيڏا هاڃا، ٿيندا آهن.

گھٽيءَ گھٽيءَ ۾ چوواٽن تي،
ماڻھو هيئن بہ مرندا آهن.

جام تي بندش وجھندڙ ماڻھو،
چوواٽن تي پيئندا آهن.

ڪي ڪي ماڻھو مري مري ڀي،
پنھنجي اندر جيئندا آهن.

گھر گھر ٻڪ جي باهہ ۾ يارو!
ماڻھو ٻرندا سڙندا آهن.

پنھنجا خواب سدائين سائين،
پاڇن وانگر لڙندا آهن.

٥

زندگي ٿوري وڏو ميلو آ،
پوءِ به انسان ڏس! اڪيلو آ.

مون ته ائين سدائين سوچيو آ،
وڻ اڪيلو به ڇو ته پيلو آ.

زندگيءَ جي اٿاهه سمنڊ اندر،
جيءُ جيئڻ مڙو بٺيلو آ.

اڄ به ريتون رواج ساڳيا هن،
گهوٽ پوڙهو به نئون نويلو آ.

هاڻي تنهائين کان گهبرائي،
جوڙيو جيءَ ۾ جهميلو آ.

o

وڙهندڙ جوڌا واڙين ٿو،
رت انهن جو ڪاڙهين ٿو.

ڪنهن کي ماري، ڪنهن کي تاري،
ڪنهن جو جهوپو ساڙين ٿو.

جيڪي هيٺي حال ڏسين ٿو،
ڌن لئه ٻارڻ ٻارين ٿو.

ڪاٿي پاڻ ڪرائين اڏبڻ،
ڪاٿي جهيڙا تارين ٿو.

انسانن کي صدين کان تون،
ڪوٽ قلعن تي چاڙهين ٿو.

ماڻهن جهڙو آهين ماڻهو،
پوءِ به ماڻهو چارين ٿو.

()

هيڏڙي وڻ ۾ ڦر ڪيو آهي،
خوف ڇو دل ۾ گهر ڪيو آهي.

راحتون ڪيئي اکين آڏو هن،
ساعتن ڊر بدر ڪيو آهي.

تو جيان مون ۾ پياڪي هاڻي،
سوچ ۾ ٿر ٿئي ٿر ڪيو آهي.

آس جو در نه قيد جنهن ۾ هو،
هن وڏي تنهن ۾ در ڪيو آهي.

○

چٽ، چڙيا سي ڇُمبا آهن،
جيڪي پاڻ ۾ وڙهندا آهن.

ڏوريءَ ڳالهه تي ڏوڙ ۾ پٽڪا،
هرو ڀرو ٻي ڪرندا آهن.

توکي مونکي ساڻ ڏسي چو،
ماڻهو من ۾ سڙندا آهن؟

کهڙو ٻي تون قلم لڳائين،
ٻول نه ٻر ۾ لکندا آهن.

جن ڪان ٿيندي آهه جدائي،
سيئي آڏو هوندا آهن.

٥

آدم جو اولاد سمورا،
ڪي هن ڪارا، ڪي هن پورا.

مالڪ ساڳيو، قالب ساڳيو،
پوءِ به ڪي انسان اڌورا.

ڪي ڪي چهرا چوڏهينءَ چمڪن،
ڪي ته وري پورن ۾ ڀورا.

ڪي ٿا پائيءَ ڪاڻ پتوڙن،
ڪن جي قبضي ان، آجورا.

ظالم هٿ ۾ آهه ڪلاشن،
باقي هٿ ۾ يار تنبورا.

٥

پنهنجي گهرن مان پنهنجو ڏي نيڪال ٿيو آ،
ڏس! قرب واري قوم جو ڇا حال ٿيو آ.

جن کي ورهاستن ۾ پنهنجون گهر مليا هئا،
تن جي گهرن ۾ هاڻ ته پائيمال ٿيو آ.

هردؤ اسان جو هونءَ ته هيرن جي کاڻ هو،
رنگين روشنيون ڏسي ڪنگال ٿيو آ.

ناهي ميار تن تي، جي ڌاريا سڏائجن،
پنهنجو به اڄ ٻين جي اڳيان ڍال ٿيو آ.

سوچيو هيو سون موت کانپوءِ ڇا به ٿي مگر،
جيئري ڏي جند جان سان جنجال ٿيو آ.

O

جيڪو ديس سان سچو ناهي،
ڪجهه ٻي ان جو ٻچو ناهي.

سودي بازي جيڪو ڄاڻي،
تنهن سان پنهنجو پرچو ناهي.

ڪنهن آڏو جو جهڪيو ناهي،
سوچڻ جو سو ڪچو ناهي.

وقت جي واڳ ورهائي ڪڍجو،
هيڪل سانيڻ چرچو ناهي.

اڃا ته جوڏا پنڌ ڏيندا،
اڃا ته ميلو مچو ناهي.

٥

بيوس ڏرتيءَ تـي بيڪاري ،
جيئڻ ٿـيـو آ آهه و زاري ۔

هو جن اوچو ڳاٽ ڪيو هو ،
سي ٿي ويا ڪارو ڪاري ۔

رهزن مرڪي مرڪي يارو ،
ميس اسانجي آهي ماري ۔

هر پاسي کان بند ٿهن ٿا ،
ڦڙي ڦڙي کان سڪندو هاري ۔

چور نشي ۾ ڪرندي ڇٿو ٿا ،
جنگ اسان جي آهي جاري ۔

O

جاني ڪاٺي جنگيون جهيڙا ،
ناس ويا ٽي ڪيئي ويڙها .

جيڪو ٻئي جي ٻيڙي ٻوڙي ،
ٻڏندا آهن تنهن جا ٻيڙا .

جيڪي خاني خان سڏائن ،
تن جا لولا لنگڙا ڇيڙا .

جتي اونڌي اڇلائي ڏس .
ڪٿا ٿيندا ڪيئي ميڙا .

٥

ان سان پريال تنهنجي ماڙي،
منهنجي پوک ته سورن ساڙي.

يـــار! سڏائن ڇڏ اتـــراڏي،
هو به ته پنهنجا آهن لاڙي.

جن جي ٽڪڙي آهه اڳياڙي،
ٻچڙي تن جي آهه پڇاڙي.

تنهنجا خواب ٿي منهنجا سائين،
واري ويٺا دل جي واڙي.

جوش وڃائي، هوش سان هلبو،
مون آ پنهنجي منزل تاڙي.

منهنجا هن مضبوط ارادا،
چڙهبي چاهت سان هر چاڙهي.

○

جوش ۾ جيءَ کي کائين ٿو،
هوش ۾ پاڻ کي جلائين ٿو.

ڪا ٻه چار پر غريب غربي جي،
موت سان مات ۾ ملائين ٿو.

نير نيڻن ۾ مات ڪين اچي،
پار ڪيندي ٻه گيت ڳائين ٿو.

شهر پنهنجي جي رونق خاطر،
ڳوٺ منهنجا گهڻا ڦٽائين ٿو.

هوءَ ساجهر سمهي پئي آهي،
تون اجايو ننڊون ڦٽائين ٿو.

هر ستم هنجو تون ڪري ”منظور“،
پاڻ کي داءَ تي لڳائين ٿو.

٥

چوڏهين رات جو هي چنڊ ڏسو،
روشنيءَ جو اٿاهه سمنڊ ڏسو،

پنهنجي ڌي ارتقا تي غور ڪريو.
سوچ ڪي پيهندڙ هي جنڊ ڏسو.

بند ور ور ڪري لڳايا ٿيو،
پوءِ به پنجي ويو آ ڪنڊ ڏسو.

خونَ جن جو ٿيو هو تن بخشيو،
پوءِ به ٿاڌي جو ڳرو ڏنڊ ڏسو.

ڇهڇتا آءٌ ڇو "منظور" ڪريان،
من منهنجي تي مات- منڊ ڏسو.

٥

اهڙا آهن ڀاڳ ڀليرا ،
رات انڌيري سڄ سويرا ۔

هر هنڌ آهن ايرا غيرا ،
ميخاني جا منظر ميرا ۔

سوچڻ وارا ساٿي گم ٿيا ،
هاڻي ڪنهن لئه پايون ڦيرا ۔

ڌرتيءَ تي ويهي سوچيان ٿو ،
ڪهڙا هوندا مڙس مٺيرا ۔

ڪارڻ منهنجي تنهائيءَ جو ،
هر پاسي ڪان گگهه انڌيرا ۔

٥

هر ڪنهن جون هن ڳالهيون ڳريون ،
هر ڪنهن ماڻهوءَ هٿ ۾ ڇريون .

ڏاهه ڏکيءَ جا ٿاهي ماڻهو ،
اڇلائن ٿا گهر گهر ٺڪريون .

ڪن وٽ آن جو ڪاٽو ڪونهي ،
ڪن جي گهر ۾ اونديون اکريون .

سونهن تہ ڪانهي ، توڙي سيڻي ،
ميڪ اپ سان هن ڇهڪيل ڇريون .

اوسيڙي ۾ ڳار نہ جيئون ،
شينهن سان نہ ڇرنديون ٻڪريون .

٥

عجيب دور اسانکي اچي ورايو آ،
ڏسڻ ۾ پنهنجو لڳي ٿو مگر پرايو آ.

اسانجي ڪنهن ٿي بہ حجت هلي سگهي ناهي،
اسان تہ جنهن کي بہ چاهيو آ تنهن ڌڪاريو آ.

سڄي حياتي اوهانجي ڏي جيب ۾ گذري،
سڄي حياتي اسان پاڻ کي ڦرايو آ.

هزار ٻول اوهانجي زبان تي آهن،
اسان تہ مات رهي مات کي ٻرايو آ.

٥

ڏونگر ڏاريو ويري ماريو ،
ٻڪ وجهي ٻر ٻڏندا ڌاريو .

انڌڪارن ۾ چوڌاري گهاريو ،
هيل تہ ڪوئي ٻارڻ ٻاريو .

هاڻي پنهنجي پون ۽ ستاران ،
بربادي جا بادل ٽاريو .

اکيون آهن، نظرون ناهن ،
آريو ٿي ويو آ اڻ آريو .

وقت ورايو آهي پاسو ،
پوءِ ڀي هنجون چوٽا هاريو .

٥

حال وچايل ماضي آ،
سياست سودي بازي آ.

سوچ ڀرائيءَ جو ليڊر،
ويس مٽايل نازي آ.

هر ڪو رنگ آڏارو ان جو،
هر ڌڻهن راءِ ۾ راضي آ.

هر ڪا ڳالهه ڀرائي آهي،
ڪا ٻه نه ان ۾ تازي آ.

جيڪو توڙين، مالڪ آهين،
تو وٽ ڏي تارازي آ.

٥

سنڌي ماڻهو پيارا پيارا،
سرهي سهڻي ٻوليءَ وارا.

يارن جا هو يار ئي آهن،
جانب آهن جيءَ جيارا.

پيار پريت کي پوڄڻ وارا،
مور نہ آهن من جا ڪارا.

پوندئيون ٿر بر ۾ برساتيون،
ٿيندا پوءِ تہ وارا نيارا.

سڀ سڙيءَ ۾ گاهہ به ڦٽندا،
ٿيندا پنهنجا ڏور مٿارا.

موتي ماڳ تي ايندا هڙئي،
هر وستيءَ وڄندا يڪتارا.

٥

مست مهراڻ ڪنهن ڏٺو آهي؟
جنهن جو پاڻي سدا مٺو آهي!

بر بيابان، ٿر، ڪوهن تي،
هو ته برسات جيان وٺو آهي.

مست هاٿي جيان اچي ٿو پيو،
جنهن به روڪيو، اهو ٻڏو آهي.

بند ان تي نوان ٻڌڻ خاطر،
هر ڪو دشمن ٿيو ڪٺو آهي.

٥١

ڪڏهن هي به آباد ٿيندا شهر،
سدائين نه تنهنجا نه رهندا قهر.

خزانا اسانجا ڪٽي جي ويا،
انهن ۾ ٿي ها قيمتي ڪي پٿر.

مٿو ڪير هو ۽ جيئي ڪير ٿو،
نه آهي ته ڪنهن کي به ڪائي خبر.

عجائب گهرن ۾ تلاشين ٿو ڇا،
پراڻا نه آهن نوان ٿي نڪر.

ڪڏهن ماڙ به ماڙ هوندي هئي،
۽ هائي رلون ٿا ڏسو در بدر.

وسائيون نه آهن هي پنهنجون اکيون،
اڃا تائين دل جي دکي ٿي نظر.

نه ڪنهنجي به محتاجي "منظور" آهي،
اسان پاڻ پنهنجو ٿا جوڙيون نگر.

لهرن لڪ لباس -٥٦

O

سپنن جي ھو صورت ٻنجي ٻيھر مونوت آيـو آ،
ائين لڳي ٿو دور ٿي مونکان ھائي ھن ٻچنايو آ.

لڪي ڇپي ھو منھنجي مـن ۾ ليٽا ٻيٺو پائي ٿو،
آڏو ايندي ڇھرو ان جو ھردم ٿي شرمايـو آ.

اڄ بہ انھن راھن تي ٿي مان نيڻ وڇائـي ويٺو ھان،
ايندي ويندي نو ڇو ساڳيو رستو پڻي بدلايـو آ.

ٻيھر تو لئہ ھرديي ۾ ڏس، مينھوڳي ڇڻ ڇانئي آ،
نير وھن ڪيئن ا ڪين مان تو آب ٿي ڪين ٻچايو آ.

O

نيڻن نير وهائين ڇو ٿو،
پنهنجو وقت وڃائين ڇو ٿو.

دک جي وڻ جون سڪل ساٽيون،
لامون سر سان لائين ڇو ٿو.

جن کان رستو ڌار ڪيو ٿي،
تن کان پو پڇتائين ڇو ٿو.

قلب جنين جو ڪارو آهي،
تن کي چشمين چائين ڇو ٿو.

جيءُ وڏو جن جهوري تنهنجو،
تن کي سور سڻائين ڇو ٿو.

ساجــن سپـون مـڙي آهُ،
ڪڏهن اسانجي وڙهي آهُ.

پوءِ ڪچهريون پــر پڇريائين،
ترتـي پنهنجي ڪـڙي آهُ.

بر بيابان، ٿـر مٿـاران،
سـارا پــر پڪيڙي آهُ.

مان تہ وياڪل ويٺو آهيـان،
گيت نئون ڪو ڇيڙي آهُ.

لوڪ جـو توکي ڏيڄو آ جي،
چهرو پــو بہ نہ ويڙهي آهُ.

٥

سرت جي راهه کي ته سرچايو،
پرت جي پيچري کي پرچايو!

ويڙهه هاڻي ڪريو ڪا گهڻي پاسي،
وار هڪڙو ئي ڇو ٽا ورجايو!

پير پنهنجي تي ڪهاڙو پنهنجو،
پاڻ ڏي پاڻ بيٺا ڪڙپايو.

ڪوڙ ۽ ڪفر جي مڙهي فتوا،
مونکي زنجير پيل جان پارايو!

آڻ هاڻي اوهانجي ڪٺ مچي،
ڪنڌ منهنجو ڪلهي ڪان ڪپرايو!

O

زنده نيڻن کي ڀلا ڪيئن اڇي،
هر طرف ڪان ڦٽي بندوق نچي.

تڏهن زوراورن جا پهچن ٿا،
تن اڳيان ڀوءِ ڀلا ڪهر ڪڇي.

جنهن جون منٿون ٻه تڏا ڪائن ٿيون،
پنهن جي اندر ڏي اندر سو ٿو پڇي.

چپ رهڻ سان نه جهڳو جهڙ آهي،
ورنه ميت تي چو ٿو ميڙ مچي.

اڄ به ساڳي ڏي هند تي آهيون،
اڄ به ڀيري ڀيو ٿو ڀير ڪڇي.

لهڻ لڪ لباس – ٦١

O

منهنجي نالي تي ڪمائڻ وارا،
ڏينهن جا هاڻ ته ڏسندا تارا.

نيتن تي مدار سارو آ،
جن ڦٽايو تنين جا منهن ڪارا.

سور تن جا سهيئي ياد آهن،
سي مري ويا هئا جي ويسارا.

هاڻ ايئن روج ڪن پيا ٿا جيئن،
مينهن ۾ گوڙ ڪن ٿا نيسارا.

هستين - مستيون ڊهي وينديون،
هاڻ ڏسجو ته اسانجا وارا.

O

سج ڪرڻي اوپاسيون آهن ،
جيون منجهه اداسيون آهن .

سوداڻن ۾ سوچ - فڪر ٿي ،
منهنجي در جون داسيون آهن .

تو وٽ ٿي درياهه وهن ٿا ،
پنهنجيون اکيون تاسيون آهن .

ڪن جي ڳچڻين هيرن هار ،
ڪن جي لاءِ ته ڦاسيون آهن .

پٽجي پاڙ وڏائيءَ جي ،
مون ته مٽايون باسيون آهن .

O

بند ڪري چنڊ جيءَ جهروڪا،
ٻرين جا هن ٻار ٻروڪا.

پيڙ لائن جو ٻارو آهي،
ناهه صدا ڪا، آهن هوڪا.

محبت واريون ميخون ناهن،
نفرت جا هن ڪارا ڪوڪا.

ريتون، رسمون ٻڌجي ويا هن،
دنيا وارن جا هي ڏوڪا.

O

ماٺ آهي ڀلي آڄاڻن جي ،
ڳالهه ٻڌجي نه ٿي سياڻن جي .

ڏاڍ جو ڏيهه آ ظلم آهي ،
دانهن ٻڌجي نه ٿي نماڻن جي .

ڪو ته مخدوم وري پيدا ٿئي ،
اڄ ماري عجيب گهاڻن جي .

اڄ به ٿيئي گهري پئي ويلا ،
بک ساڳي اها اباڻن جي .

٥

خلق جڏهن ٿـي پئي بي زار ،
سيـاستدانن اڇليو چـار .

ڇيڙهه جيان چنبڙيا ڪرسيءَ کي ،
ڀـاڄي ٿـي ويو ماڻهوءَ ڏار .

لالچ تـن جي اڳيان ، پٺيان ،
ويجهي ٿي پئي آ سرڪار .

ڪي ماڻهو ويڪاڻو ٿي ويا ،
ڪن لئہ آئي ڪوئا مـار .

انسانن جا دشمن ٿيي اڄ ،
شرفـاء ۾ ٿيا سڀ شمار .

O

مرڪ منهن تي هجي ملون روئي ،
درد دوريءَ جا سڀ ڇڏيون ڌوئي .

سور پنهنجا لڪائي رکيا هن ،
ڇو ڏسي زخم اسانجا ڪوئي .

مان سزا وار رڳو تنهنجو هان ،
هن زماني جو نه ناهيان ڏوهي .

ڪا شڪايت نه ڪئي آ ڪنهن سان ،
لڄ پنهنجيءَ تي رکي آ لوئي .

مرڪ جنهن ڳالهه اڏاري ورتي ،
اڄ ڪليو آهي اسانتي سوئي .

O

باز جهرڪي مٿي جهٽي آهي،
ريل ڌرتيءَ تي ڪا لٿي آهي.

رات رهزن هنيا وڏا ڌاڙا،
سوچ پنهنجي پئي ٿئي آهي.

سونهن ۾ سوڀيا وڪامي پئي،
ٻڌجي نيڻن تي وئي پٽي آهي.

ننڍ وڏائيءَ جي هن سماج اندر،
لٽ ٻاٽي جي هڪ هٽي آهي.

O

برف جان جڏهن جواني ڳرندي ،
مرڪ چهري تي پوءِ ڪيئن ٺهندي .

پنهنجي زلفن ۾ لڙهون چانديءَ جون ،
هوءَ ڏسي پڪ چري ٿي پوندي .

خواب پوڙها ۽ جهور ٿي ويندا ،
سوچ ۽ لوچ بہ پڄندي پرندي .

وقت ساڳي جڳهه تي بيٺو آ ،
زندگي اڳتي وڃي ٿي وڌندي .

O

اپاهج ۽ انڌن جهليو جهول آهي،
ڏڪارن جو ماڻهن مٿان خول آهي.

ڪڙهن ٿا پيا انسان مانيءَ جي خاطر،
هٿيارن جو هر هنڌ ڇڙو ٻول آهي.

پراڻن وڻاڻن تي هر ڪوئي ورندءِ،
هي ثابت آ ٿي ويو دنيا گول آهي.

مٿان پيٽ ٻڪيا اٿي ڪي ٻون هٿ،
اميرن ڪي هاڻي ڪان دل هڻول آهي.

خدا واسطي جو وڏو وير آ جن،
خدا ئي ڪيو تن کي بي ڊول آهي.

O

سڀني ماڻهن کي پرکيو آ،
پنهنجن يارن کي پرکيو آ.

جن جي هام وڏي هئي تن ئي،
پاڙي وارن کي پرکيو آ.

منهنجي لاءِ کليل رهندا جي،
تن دروازن کي پرکيو آ.

سياري ۾ آ سيءَ سڪايو،
گرم اونهارن کي پرکيو آ.

اونداهي گهر ۾ رهندي مون،
چنڊ ستارن کي پرکيو آ.

○

آءٌ منهنجي اڱڻ تي هيل وري،
پونگهه تي ٻاڙ ويهون ٻيلهه وري.

تون مسا ڳڻ سان ڪري چپ ڳاڙها،
وجهه وارن ۾ چندن تيل وري.

منهنجي چئو طرف ٽڙن گل ڳاڙها.
تنهنجي چئو طرف جڙن جيل وري.

صبح جي صاف روشنيءَ ۾ اٿي،
شل! تو ساڻ ٿئي ميل وري.

O

اچن ٿيون نچن ٿيون وڏي دڪ دوريون،
ڇون ٿيون ته هاڏي تون سينگار سوريون.

اهي ڪين آيون ڏئي راهه جن جي،
نظر آيون ٻيون ڪيئي ڪاريون ۽ ڀوريون.

آيا من ڪان آڻ تڪ ۽ ڀيڙا ٿي پلجي،
جو واٽون سڪن جون ڊهي ويون سموريون.

جڏهن محل سپنن جا جهرنديءَ ڏٺانئو،
اميدون به تڏهين ٿين ڪين پوريون.

ٻڌائيندي ڇونديءَ ڏي رهجي ويون هن،
ڪي ڳالهيون اڃا پڻ اندر جون اڌوريون.

"منظور" مرڪي ڀيو ڪينجهر ڪنڌيءَ تي،
نوان چام ڇمندا، نيون اينديون نوريون.

○

اسانکي ڀلا ڪيئن ڏيندا اٿل ،
اهي جيڪي هر ڳالهه ۾ هن ڪٺل .

شروع کان اسانتي ڏمر ٿي رهيا ،
سدائين رهيا حال پنهنجا ڦٿل .

اڃان مس سک جو ڪنهو ساهه هو ،
وري زخم ڦاٽي پيا هن چٿل .

اڃو قرب واريون سي تارون ڳنڍيون ،
ايامن کان جيڪي پيون هن ٽٽل .

٥

فجر ويل پکين جي چمن چمن ٻڌءِ ڪا؟
ڏڳن ۽ وڇن جي ٻه ٻان ٻان ٻڌءِ ڪا؟

شهر ۾ ته هر ڪو رهي ڇڙوڇڙ ٿو،
شهرين جي ڪٿڙي ڪچهري ٻڌءِ ڪا؟

رڍن جي ڪا ٻي ٻي ۽ طوطن جي ٽين ٽين،
وڻن منجهه ڪوئل جي ڪو ڪو ٻڌءِ ڪا؟

هو ڪوڪان گدڙ جون ۽ تترن جون ٻوليون،
صبح سان ڏي ٻانگون ۽ ڪر ڪر ٻڌءِ ڪا؟

رڳو پنهنجي موٽر جو آواز ڇانئي،
ڏڳي ڳاڏين جي ٻه چون چان ٻڌءِ ڪا؟

٥

پر ڪٿي ويا مورن جا،
ڀريا گهر ڪامورن جا.

مذهب سو رستي ۾ آ،
هٿ وڌيا جنهن چورن جا.

هر دفتر ۾ ويٺا آهن،
ٽولا رشوت خورن جا.

هر پاسي کان گهاٽو آهي،
وت نوان هن تورن جا.

نانگ وڌي ويا هن ڌرتيءَ تي،
ڏند پيچي پيا نورن جا.

O

جڏهن ڳالهه پهتي وچي انتها تي ،
انهيءَ ويل روئي ڏنم ابتدا تي .

هيو قيمتي وقت جيڪو وڃايم ،
لکيو مون اجايو انهيءَ مهه لقا تي .

ڪيئي لڪ لنگهي هي زمانو هليو آ ،
پيو سوچيان مان ، اڃا ارتقا تي .

فنا آهي هر شيءِ خبر هاڻي پئي آ ،
ڪليم ڪيئي چلا حسين بي بقا تي .

اجايو مٿو منهن پٽيان ويٺو هاڻي ،
ويا جي هليا روح ، تن جي چتا تي .

O

مليو تنهنجو نياپو اڄ وري سالن صدين کانپوءِ ،
متا سڀ سور جاڳي پيا وري سالن صدين کانپوءِ .

رهي دل ۾ نه ڪا اميد هئي باقي مگر يارو ،
اجهو ارمان جاڳي پيا وري سالن صدين کانپوءِ .

ٿيو هوس عشق ۾ آتو اوهانجي راهه ۾ سائين ،
اڪيلا پير ترڪي پيا ، وري سالن صدين کانپوءِ .

نه راهن ۾ هئي ڪا روشني تنهنجي اچڻ کان اڳ ،
ستارا چنڊ چمڪي پيا ، وري سالن صدين کانپوءِ .

اکين مان آب ٿي ويو خشڪ هو ليڪن ڏسي قاصد ،
انهن مان نير برسي پيا ، وري سالن صدين کانپوءِ .

O

رت ڦڙن سان ڏاڍا ڀوئين ،
ڪنهنکي ياد ڪري ٿو روئين .

داغ دلين جا لهندا ناهن ،
ٽوڙي ڏوهي ! ڪيڏو ڌوئين .

ڪنيڙ تنهنجو دور هليو ويو ،
ڀوء ٻه مٽي ڇو ٿو ڳوهين .

جن کي تنهنجو الڪو ناهي ،
تن لئه ڇو ٿو پاڻ ڏکوئين .

O

سال وانگر ڏکهي جا ساعت آ،
منهنجي تو ساڻ ايڏي چاهت آ.

ماٺ ۽ روئڻ پٽڻ جي بدران،
گيت ڳائڻ جي مونکي عادت آ.

ماس تنهنجي جو ٻش ٿيو آهي،
موت تنهنجي جي توکي دعوت آ.

مونکي پهريان ڏندي ڏي هي ڏاتا،
تنهنجي آخر ته مونسان آهت آ.

تو پڇاڙان اداس آهيان مان،
رنگ ڪوئي، نه هاڻي راحت آ.

O

هر طرف روشنيءَ جا تجلا هن،
پوءِ به ماڻهو ڏسو ته گدلا هن.

داد تن کي ڪٿان به ڪيئن ملي،
پاڻ جان شعر ليي ته ڪنگلا هن.

پڄان، پڄاڻ پڄي وڃان ڪاڏي،
لوهه جا چؤطرف ڪان جهنگلا هن.

چران، پران به نه تو ڪيئن ڪيان،
ڪنڌ منهنجي تي تنهنجا ٻنگلا هن.

ٻسا، ٻسا، ڪڏهن به ڪين رهن،
نيڻ تنهنجا سدائين ڪجلا هن.

سوچ گهري ڪري ڏسو پنهنجي،
هي ڪهاڻي آ يا ڪي جملا هن.

O

مان فقط انقلاب چاهيان ٿو،
چاهتن جو جواب چاهيان ٿو.

اپ جون ڳالهيون نه ڪر مونسان،
مان ته ڌرتيءَ جو باب چاهيان ٿو.

ڪنهن چڱي فيصلي پڄڻ خاطر،
مان گهڻو ئي خراب چاهيان ٿو.

تنهنجي مرڪي ڪلي ملڻ لئه مان،
تنهنجو سارو عذاب چاهيان ٿو.

تر ساري جي بٺ ڌرتيءَ تي،
مان ته ٽڙندي گلاب چاهيان ٿو.

جنهن ۾ جمهوريت جو سچ ڪڙي ،
مان تہ اهڙو نصاب چاهيان ٿــو .

تنهنجي تصوير، تنهنجي چهري ۾ ،
مان فقط بس! حجاب چاهيان ٿــو .

نيتن جي خراب چهرن جــو ،
مــان تــہ لاهڻ نقاب چاهيان ٿــو .

تنهنجي نيڻن جي ڪريل لڙڪن مان ،
ڪوئي ناهڻ شراب چاهيان ٿو .

منهنجي قربانين جــي ڳالهه نــہ ڪيو ،
مان لڪائڻ ثـواب چاهيان ٿــو .

جن بکي پيٽ تي آ ساهه ڏنــو ،
تن سڀني جو حساب! چاهيان ٿــو .

(۱)

سڪ مونتي گهٽو ڏي ڪليا هن،
ڏک هر وات جهلي مليا هن.

نياز نوڙت سان ملڻ وارا ٻي،
هر طرف ڪان اسانڪان ڀليا هن.

جي خوشيءَ جي پڇيان پيا ڊوڙن،
غم رستا ته پوءِ به جهليا هن.

ڏينهن آيا ڏکيا چڱو ڏي ٿيو،
راز ڪيئي اوهان جا ڪليا هن.

نيٺ قسمت به ڪائيندي ڦيرو،
هل هر طرف ڪان هي هليا هن.

سي اوهانجا ڏي ٿي ويا آقا،
جي اوهانجي ڏي در تي پليا هن.

٥

رات هوندي اداسيون هونديون،
پوءِ سڪتيون ٿي خواهشون هونديون.

هر طرف خالي خالي نظرن سان،
منهنجون راهون تو نهاريون هونديون.

منهنجي سنجيده رهڻ جون توکي،
ڳالهيون ڪنهن تہ ٻڌايون هونديون.

مون جيان تڙڦندي اوهانجون ٻيي،
ڪيئي راتيون تہ وهاميون هونديون.

تنهنجو ڏيئو بہ وسامي ويندو،
ڪيئي ڏياٽيون تو وسايون هونديون.

جهل ڪوئي نہ رهندو ڌرتيءَ تي،
سوچ مان سوچ، سجاڳون هونديون.

٥

ذڪر هر طرف ڪان ٻڌم تنهنجو،
جوش هر نظر سان ڏٺم تنهنجو.

ٿڌ ڪيڏي به ٿڌو ڪرڻ ڪندي،
غم نه آهي گهٽو گرم تنهنجو.

تون نه ناحق ٿو وسوسا پالين،
نيٺ ويندو ڇٽي زخم تنهنجو.

منهنجي نيڻن ۾ آءُ گهوري ڏس!
تو سوا ناهه ٻيو قسم تنهنجو،

ڪنھنجي باري ۾ ڪجھ نہ پڇ مونکان،
پور ٿيندو وري پرم تنھنجو.

مان وساري ڪڏھن سگھيو ناھيان،
ياد آھي اچان جنم تنھنجو.

تنھنکي پئسي جو آءٌ ڪيئن چوان،
ڪوڙ جو آھي جو ڪرم تنھنجو.

پيون تہ ڪيئي پليون مليون آھن،
مونکي ماري ويو شرم تنھنجو.

تنھنجي ڳالھين کي سچ ڪيئن چوان،
ڪوڙ ڏي ھڪوڙ آ ڌرم تنھنجو.

ميڻ جيان ڇو رجڻ ڪيئہ "منظور"،
ڇا تہ پختو ھيو عزم تنھنجو.

٥

ديس ديس کان لهرون آيون ،
ڪوهه ڪري ڏس! نهرون آيون .

تنهنجي باري ۾ سوچيندي ،
دل کي ڏاڍيون رهڙون آيون .

سٽون شاهه جون ائين لڳن ڄڻ ،
پاٽياريون سر ڀهڙون آيون .

منهنجي پاسي ڪنڊا آيا ،
تنهنجي پاسي ڇهڙون آيون .

٥

چين ، بيچين آهي ڇورايو ،
جو ٻچو هو سو مون آ هارايو ۔

قرب ۾ حڪم ڪڏهن هلندا ها ،
هاڻي ڪو ٻي پڇي نه ٿو رايو ۔

ڏاڍ سان مون کان اڃا تائين ٻي ،
ڪجهه به ڪنهن ناهي يار مڃرايو ۔

جنهن کي مون پار ڪرايو رستو ،
تنهن ڳنڍي ڇوڙ ڇڏي پڪڙايو ۔

مونکي بدنام ڪرڻ لئه يارن ،
شهر ، وستين ۾ پڙهو گهمرايو ۔

حال پنهن جي تي ڇڏي ڏيو ته چڱو ،
ڇو اجايو ٿا مونکي مڃرايو ۔

انسانن جو هيءُ انبوهه ،
برف ڍڪيل ڄڙ آهي روهه .

جلسو آ ڪو سياسي يا ،
جادوءَ وارن جو آ ڏوهه .

ميل مداري ڇا ماريندو ،
هو ڇا ڄاڻي من جو موهه .

سي ڇا اڳتي وڌندا جن ،
ڇنڊيو پنهنجن تي آ ڇوهه .

٥

هر طرف ڪان وڏي ويو مونجهارو ،
علم وارو ٿيو آ ويچارو .

سج اکين سان توڙي ڏسجي ٿو ،
پوءِ بہ ڌرتيءَ تي آهي ڌنڌ ڪارو .

مون گهڻو ڪجهہ ڪٿو ڪيو هو پر ،
ڪنهن تہ اڄاڻ ڀڳو پاندارو .

ڪنهن تہ پاڻي انهن جو روڪيو آ ،
جن جو سارو سڙي ٿو بيچارو .

ڪاش! تن جا ڪپي ڇڏيون ها ٻر ،
جن جي لوءِ لوءِ ۾ آهي لامارو .

٥

ڏينهن ٻه ڪارو رات ٻه ڪاري،
سج لڳي ٿي جيوت ساري.

مون آ هر شيءِ چاڙي واڙي،
من جي تختيءَ تان ميساري.

برش پيا هن آڏو ليڪن،
وسري وئي آ نقش نگاري.

سنڌ مٿان هيءَ ڪيستائين،
وسندي رهندي شاهوڪاري.

پل جان ٻوڙي ڇڏ تون مونکي،
تنهنجي ٻيڙي مون آ تاري.

هيءَ جواني جانب تو لءِ،
گهٽيءَ ۾ ڳاراڻي ڳاري.

٥

تنهنجي ساغر نيڻن مان اڄ جام پيئڻ ٿو چاهيان،
جنب جنب ۾ تنهنجي اکڙين لاءِ جيئڻ ٿو چاهيان.

لفظن جي موتين جي مالها، مون تو لاءِ جڙي آهي،
جيڪا نذراني ۾ توکي محب ڏيڻ ٿو چاهيان.

چنڊ جي پونئين رات هجي ۽ ڪارو ڪارو آڀ هجي،
اهڙين اونداهين ۾ ڏي تو ساڻ ملڻ ٿو چاهيان.

پاڻ اچي تون دل جي ڌڙڪن منهنجي پرکي يار تہ ڏس،
توکي هرهڪ موڙ تي مان امتحان ڏيڻ ٿو چاهيان.

ڪاش! مان تنهنجي دل جي تارن جو ڪو مڌر سنگيت ٻڌان،
تنهنجي پوتر چرنن جي مان ڇير ٻڌڻ ٿو چاهيان.

٥

منهنجون نوڏي تـــارون ايندون،
تنهنجون مونـڏي خارون ايندون.

مون وٽ تنهنجون هر پاسي کان،
ڪيئي خبرون چـــارون ايندون.

پـوڙا نسري پـــيلا ٿينـدا،
بر پٽ منجهه بهـــارون ايندون.

مجبوريءَ کان دور رهـــانئو،
سمجهان ٿو ته ميارون ايندون.

پنهنجي موت تي ڪو به نه ايندو،
تو لئه پرجي ڪارون ايندون.

دل جي ڌرتي اهي تـــريلي،
مندون نيٺ ملهاريون ايندون.

O

ڪن جي هينئڙي منجهه هڙتالون،
ڪن جون اکڙيون برن مشعالون.

ڪنهن جي برباديءَ تي ڪي ڪي،
ڏيندا آهن ڏاڍيون ڇالون.

طبقاتي ڇڪتاڻيون آهن،
ڦاٽل چادر، پريل شالون.

ٻاهر يار! سرتيون جن جون،
روئن گهر ۾ تن جون زالون.

پنهنجن ڪي ڏي مارڻ واريون،
مون وٽ آهن ڪوڙ مثالون.

O

زندگيءَ جا هزار رستا هن،
ڪي مهانگا ۽ ڪي تہ سستا هن.

ڪي سکي ساڻ ۽ ڪي ان داتا،
ڪيئي مسڪين يار! منگتا هن.

موچ مونکان ڪسي جنين تن جا،
نقش سبتا بہ هاڻي ابتا هن.

منهنجي مارڻ جي لئہ سيئي دشمن،
پاڻ ۾ ڏس! تہ ڪيئن ڀرتا هن.

٥

نہ ڪاروان جو نشان آهي،
نہ ڪائي منزل مڪان آهي.

اندر آ جن جو بہ اگڙين جو،
انهن جو ٻاهر ئي شان آهي.

سچار ڪيڏو بہ مان ٿيان پر،
سڄو ئي ڪوڙو جهان آهي.

هو جيڪو مهمان ڪالهہ ٿيو هو،
اهو ئي اڄ ميزبان آهي.

ڪٿي ڪا منزل نظر بہ ايندي،
اميد جو امتحان آهي.

ڏسڻ ۾ "منظور" آهي پوڙهو،
ذهن انهيءَ جو جوان آهي.

o

سو ٿـي پختو آ انسان ،
جنهنجو صاف سچـو ايمان .

اندر ڪارو ڪوڙـي ماڻهو ،
ٿـي ويٺو آ خانـي خان .

قرب اوهانجي کي ڏمندي ،
هر ڪو ٿـي پيو آ مهمان .

مڪ نـه پنهنجا مرجهايو ،
دشمن آهه رڳـو دهمان .

ڏارين اڳيان هـر پل آ ،
نـوڙت مـنجهه نـرو نقصان .

۵

منهنجي اندر ۾ آنڊ مانڊ آهي،
لوڪ ليکي هي ڪائي راند آهي.

پيو اداسيءَ ڪـــي پاڻ ساڻ ڏسان،
ٿي جڏهن جونکي ڪائي وانڊ آهي.

مون نه ڪجهه پيءَ اچا ڪمايو آ،
ساڏي مهراڻ ڪنڌي لانـڍ آهي.

هن ڪي ڪاري ڪري ڪهڙو ڇو ٿا،
هوءَ آخر ته ڪنهن جـي آنڊ آهـي.

هاڻ هوشيار ٿي اٿو مارو!
غير ڪئي سڀ ساڻ هٿ چراند آهي.

SOORIH SINDHI ADAB

٥

پيار ئي جنهنجو گيت آهي،
سو ئي امانجو ميت آهي.

هر ڪا بازي ان جي هٿ ۾،
هار ٻه ان جي جيت آهي.

نينهن بغير نه ڪاڄ پڄي ٿو،
رسم ٻه آءِ ريت آهي.

جهنگ، جبل ۾ امن جي ڳولا،
پاڙي مندر، مسيت آهي.

ڪنهن ڪي ناهي ڪنهن سان قربت،
پيار، نه ئي ڪا پريت آهي.

اڄ وري جام کي ڇلڪايان ڀيو،
پنهنجو ڏي پاڻ کي روئاريان ڀيو.

تنهنجي دوريءَ جون گهڙيون ياد ڪري،
توکي هر سوچ ۾ پڪاريان ڀيو.

درد سيني ۾ جي سٽل آهن،
تن کي آٿت ڏيئي اٿاريان ڀيو.

مٺي ڪدو ٿي ويو سڄو خالي،
تنهنجي يادن کي گڏ پيئاريان ڀيو.

دور دنيا سڄي کان ويهي اڄ،
تنهنجي تصوير کي سنواريان ڀيو.

آس تنهنجي ملڻ جي دل ۾ رکي،
پنهنجي جيءَ جان کي جياريان ڀيو.

٥

اڄايو اسان کي ٿا حيران ڪريو ،
ڏيئي سور ويٺا پريشان ڪريو .

ويئي آ اسانجي ڏي هر شيء فنا ٿي ،
اوهان ڪجهه نه ڪجهه ان تي ارمان ڪريو.

سهي سور وڃبا ڪجو ياد ليڪن ،
اسان کي ٿا سورن جو سلطان ڪريو .

اسان دور گهاريون جتي ٿا جهان ڪان ،
اتي ٿا اچي گوڙ گهمسان ڪريو.

جڏهن ڪو به جوڙيو جـڏو آشيانو ،
اوهان تنهن کي ڊاهي ٿا ميدان ڪريو .

اسان چاهيون ٿا ته انسان بڻجون ،
اوهان پـر پلاڏي ٿـا شيطان ڪريو .

٥

ڏينهن ٽٽي جو راهه نهارين،
پاڻ کي ڇا لئه ٻيٺو ڪاڙهين.

دل جي دنيا لٽجي ويندي،
سپنا منهنجا ڇو ٿو ساڙين.

تنهنجي ويجهو آهيان تو ڙي،
ڇو ٿو ڏورون پوءِ پڪارين.

نيڻ اسانجا نازڪ شيشا،
تن تي پٿر ڇو ٿو ٿاڦين.

پنهنجي ٿي ساجن کي ڇالئه،
هر هر سوريءَ تي ٿو چاڙهين.

٥

رات مون آ ڪيئن گذاري، اڄ اچي ڏس تون مٺا ،
ننڊ نيڻن آ وساري ، اڄ اچي ڏس تون مٺا .

دل جو دروازو مون کولي آ ڇڏيو تو لاءِ صنم ،
تو بنا آهي ڏکاري ، اڄ اچي ڏس تون مٺا .

تون جڏهن کان ٿي رٺو آهين تڏهن کان جان من ،
آهي جاري آه و زاري ، اڄ اچي ڏس تون مٺا .

هر گهڙي تو کي پسان ، شل تنهنجي قربت ۾ رهان ،
ميس منهنجي تو آ ماري ، اڄ اچي ڏس تون مٺا .

٥

تنهائيءَ ۾ شايد ڪنهن لاءِ ڪو به نه ايڏو روئندو هوندو،
ساري رات سنپاري ڪنهنکي، ڪو به نه ايڏو جلندو هوندو.

جهڙيءَ ريت پيو ٿو سوچيان آءٌ ٿريلي ڏرتيءَ تي،
اهڙيءَ ريت ته ڪو به نه سائين ٿر لاءِ ايئن سوچيندو هوندو.

گيت هي ٿوليئه، غزل به ٿوليئه، منهنجو هر مضمون آ ٿوليئه،
جيڏو تنهنجي لاءِ لکان ٿو، ڪو به نه ايڏو لکندو هوندو.

آب اکين مان وهندو وهندو رهندو شايد جاري جاري،
جيڏو تنهنجي لاءِ رڙان ٿو، مينهن نه ايڏو وسندو هوندو.

جيڏو ٿوليئه آءٌ جيان ٿو، جيڏو ٿوليئه آءٌ مران ٿو،
ڪنهنجو جيءُ به ڪنهنجي لاءِ ايئن نه مرندو جيئندو هوندو.

وڪ پنهنجي وڏائجي تہ ڇڱو،
پنڌ سارو ڪٿائجي تہ ڇڱو.

ٻئي تي پاڙي ويهڻ سٺو ناهي،
پاڻ پنهنجي، ٻڌائجي تہ ڇڱو.

ساري دولت ڪان يار! منهن موڙي،
ساٿيي ڏي نهارجي تہ ڇڱو.

سون ڌرتيءَ تان ظلم ساري جو،
ڪنڌ ساٿي ٻهارجي تہ ڇڱو.

تنهنجي مرڪڻ ۽ پنهنجي سوچڻ جو،
آشانو اجارجي تہ ڇڱو.

لهرن لڪ لباس - ١٠٦

٥

جيڏو توسان وڙهندو آهيان،
تيڏو تو لاءِ روئندو آهيان.

هن کي ياد ڪري مان هر هر،
ڏيئي وانگر جلندو آهيان.

تو بن منهنجو ساز نه سرجي،
تو بن ٽُٽل سرندو آهيان.

ڪهڙا پنهنجا حال ڏسي مان،
پنهنجو پاڻ تي کلندو آهيان.

جن واٽن تان تنهنجو گذر آ،
تن واٽن تي ويهندو آهيان.

ڇو شهر ڇڏڻ لئه ٿا مجبور ڪيو مونکي ،
ڇو ٿا پيشاري ايڏو مخمور ڪيو مونکي .

جيئرو نه رهي سگهندس مان ، خبر آ اوهانکي ،
پوءِ پيي جدا ڪري ٿا معذور ڪيو مونکي .

گمنام ٿي گذاريان آهي اها ٿي خواهش ،
ڇو ساري دنيا ۾ ٿا مشهور ڪيو مونکي .

مان پنهنجي حياتيءَ ۾ محسوس ڪيان ايءَ ٿو ،
بي جرم ڪنهن سزا ۾ ٿا دور ڪيو مونکي.

هي جيڪي ڪجهه به آهيان، آهيان فقط اوهان لئه ،
جهڙو به آءٌ آهيان، ”منظور“ ڪيو مونکي .

٥

چنڊ تارن ۾ لڪي گهوليان پيو،
آسمان تي نظر روليان پيو.

من اندر راز لڪايم جنهنجا،
تو اڳيان راز تن جا کوليان پيو.

منهن جو هر گيت ڏي وڃي سرهو،
ٻول تنهنجا ٿي تڏهن ٻوليان پيو.

دل پئي "منظور" رلي روهن ۾،
مان وڃايل ٿي واٽ گهوليان پيو.

٥

وند آهن ورهاستون آهن،
غرض ڪارڻ حمايتون آهن.

ظلم جو دائرو وڌي ويو آ،
ڏاڍ، ڏمرن ۾ رياستون آهن.

ذات سماڳي آ، ڳالهه ٻي ساڳي،
ڏس! اجايو رقابتون آهن.

هاڻ ويڇو اڇو لڳا آهن،
دوستيءَ جون علامتون آهن.

ڇا ته ماحول ٿي ويو آهي،
ڪوڙ، دوکي جون سياستون آهن.

نيت پنهنجو به حق وٺي رهبو،
ڪيتريون ٺي عدالتون آهن.

(٥)

ٻڪولو ڦاٽو، دل دهڪي آ، ڪيڏا انگ آڏاڻا،
هر ڪو داڻا داڻا!

بارودن کي باهه لڳي آ، مڙيا ساهه سيباڻا،
هر ڪو داڻا داڻا!

پنهنجا ئي پنهنجن جي پاران، ڏاڍا ڏور ڏڪاڻا،
هر ڪو داڻا داڻا!

پستين جي هٿ هستين وارا، آهن يار! وڪاڻا،
هر ڪو داڻا داڻا!

ڏوهي ماڻهن بي ڏوهن سان، پاڙيا پلئه پراڻا،
هر ڪو داڻا داڻا!

٥

سوچون سورن واريون ويتر، سچ نہ ٿو نڪري،
رات نہ ٿي گذري ....

سپني وانگر منهنجا سائين، يــاد نہ ٿي وسري،
رات نہ ٿي گذري ....

مند وري ڪا مستيءَ واري، مينهن جهان مچري،
رات نہ ٿي گذري ....

اندر جي آڪاش ستاران، آڏمو ٿــو ايري،
رات نہ ٿي گذري ....

آنڌارو ٿي اونداهين ۾، ڏاڍو ٿــو ڏمري،
رات نہ ٿي گذري ....

من مونجهارو ٿي پوندو آ، گهايل هر گهمري،
رات نہ ٿي گذري ....

سور وهامي ويندا هيڪر، ساٿي ڪو سنيري،
رات نہ ٿي گذري ....

O

پارئون ايندو مارو منهنجو، تـــارو ترت تــري،
پوندي رات ٽري ....

روهن جهڙو هيءُ رسامو، ويندو نيٺ ڏسري،
پوندي رات ٽري ....

گُل گُراٽي پاٽي مونکي، چوندو کو نہ چــري،
پوندي رات ٽري ....

تن سان ڪيئن جدائي ٿيندي، جن ريءَ ڪانہ سري،
پوندي رات ٽري ....

ايئن هـــوا ۾ جهولائيندو، پاکر جيئن پـــري،
پوندي رات ٽري ....

٥

دوريءَ وارن دردن ۾، سالا سال ٿيا،
ڪيڏا ڪال ٿيا ....

سڏڪي سڏڪي منهنجا تو لئه، هيڻا حال ٿيا،
ڪيڏا ڪال ٿيا ....

تو ڪي مونکان ڪسڪائي هو، سالا مال ٿيا،
ڪيڏا ڪال ٿيا ....

تو بن منهنجي جيون ۾، ڏاڍا خال ٿيا،
ڪيڏا ڪال ٿيا ....

تنهنجا ڪوڙ به تنهن جي آڏو، تنهنجي ڍال ٿيا،
ڪيڏا ڪال ٿيا ....

٥

سيڻي سرها ٿي ويا، پسيو جنين پاڻ،
اڃان تون اڻڄاڻ؟

چوڙهي جنين ڪٽ آ، ڏجي تنين ڏاڻ،
اڃان تون اڻڄاڻ؟

ڪوڙن ماڻهن ڪنڌ ۾، وٺي وجهج واڻ،
اڃان تون اڻڄاڻ؟

عاشق عجيبن ڪي، سسي ناهي ساڻ،
اڃان تون اڻڄاڻ؟

سچن ماڻهن من ۾، مونجهون ۽ مانداڻ،
اڃان تون اڻڄاڻ؟

روهن منجهه رلين پيو، ڇڏي واٽ وٿاڻ،
اڃان تون اڻڄاڻ؟

O

سامونڊين جو سور، ساهه سدائين مٺ ۾،
ساهه سدائين مٺ ۾....

تنهنجي ڦوڙائي ۾ ساڃن، چت هميشه چور،
ساهه سدائين مٺ ۾....

وڻجاري جي وات تڪيندي، نيٽين وڇايو نور،
ساهه سدائين مٺ ۾....

انگ اگهاڙا پار اسان جا، مرڪ اسان کان ڏور،
ساهه سدائين مٺ ۾....

پهلي پهلي پن ڇڄ رت ۾، مونجهو آ 'منظور'،
ساهه سدائين مٺ ۾....

٥

اجرو مَن ڪري، ڳوله ڳجهاندر ڳالهڙيون،
ڳوله ڳجهاندر ڳالهڙيون ....

سلو سائو پيلو ٿي ٿو، اڇڙو ان ڪري،
ڳوله ڳجهاندر ڳالهڙيون ....

قيد ڪري ويو ڪوڙ-ڦام سانءُ، فاتح فن ڪري،
ڳوله ڳجهاندر ڳالهڙيون ....

وڻن جو ٻوڪيندڙ ڇو ٿو، ننگو تن ڪري؟
ڳوله ڳجهاندر ڳالهڙيون ....

ڪر ٻـڌي ويو ٻول اسانجا، ويجهو ڪن ڪري،
ڳوله ڳجهاندر ڳالهڙيون ....

ڪيئن ٿو سانوڻ ۾ ڏس سنڌو، ڦهري ڪن ڪري،
ڳوله ڳجهاندر ڳالهڙيون ....

چنڊ ستارن اپ چـڙيون ڇو، سوچون سن ڪري،
ڳوله ڳجهاندر ڳالهڙيون ....

٥

هيڪل گهاريندا، تنبوري جي تار سان،
تنبوري جي تار سان....

سڪن واري سونهن کي، سورن ساڙيندا،
تنبوري جي تار سان....

رس رسيلي راڙ ۾، ڏونگر ڏاريندا،
تنبوري جي تار سان....

جيءَ جڏي جي ڀڏڻ هاري، ٻيڙي تاريندا،
تنبوري جي تار سان....

ڳولهي پنهنجي ڳوٺ وڻن ۾، ماري ماريندا،
تنبوري جي ڏار سان....

O

چاهت جو چارو، تـوکي مور نہ مٺو هو،
توکي مور نہ مٺو هو....

ڪاٿي هيس مان مصري تولئہ، هـاڏي هان ڪارو،
توکي مور نہ مٺو هو....

نيٺ تہ پنهنجو هن ڏرتيءَ تـي، وري ها وارو،
توکي مور نہ مٺو هو....

ڪکڙن وارو گهر اسانجو، سڙي ٿو سـارو،
توکي مور نہ مٺو هو....

تـوکي مـونکي ڪيمن وڌي ويو، پڻسي جو آرو،
توکي مور نہ مٺو هو....

سوڙ بہ ناهي، تون بہ تہ ناهين، پوي ٿو پـارو،
توکي مور نہ مٺو هو....

٥

صحرائن جا سير ڪري، ماڳ پڄي ويا مارو منهنجا
ماڳ پڄي ويا مارو منهنجا

نانگ اريجي ڪپر خوني، ماري آيا ڏير ڪري،
ماڳ پڄي ويا مارو منهنجا

هاڻي ڪنهن سان ناهي جهيڙو، خوش ٿي ويٺا خير ڪري،
ماڳ پڄي ويا مارو منهنجا

مون وٽ آيا آهن سائين، پرڏئون ڀير ڀري،
ماڳ پڄي ويا مارو منهنجا

O

ساندي٘م جن کي ساهه ۾، سيئي ڏور ٿيا،
تن ريءَ ڪا نه سري....

ڊوهه ڪري ويا جيڪي، تن جا، ڏاوڻ ڏوهه پيا،
تن ريءَ ڪا نه سري....

منهنجي من جي رڻ ۾ ريجهي، چاري وڳ ويا،
تن ريءَ ڪا نه سري....

تيسين سور نه هو ڪو، جيسين، سانگي سنگ هيا،
تن ريءَ ڪا نه سري....

٥

ٿنهن ۾ بيهاريا مون کي، ڇوڙائي ويا ڇانو،
کنهن کي دانهن ڏجي ....

سيڻي ٿيا موچارا، جن جا، هيرن جهڙا هانو،
کنهن کي دانهن ڏجي ....

ظاهر ۾ هـــا ماڻهو ڪي ڪي، نانگن جهڙا نانو،
کنهن کي دانهن ڏجي ....

ڦند ڪري ڦاسائڻ وارا، ڏاڍا تن کي ڏانو،
کنهن کي دانهن ڏجي ....

٥

آڏيءَ اٿائي، هوت وڃي ويا پاڻ سان،
هوت وڃي ويا پاڻ سان ....

ڏاڍا ڏير ڏنگا هئا، پيئڙ پڙڪائي،
هوت وڃي ويا پاڻ سان ....

ماندي من منهنجي ڪئي، روهڻ رلائي،
هوت وڃي ويا پاڻ سان ....

رکي ديپ هوا ۾، اونڌهه اڙائي،
هوت وڃي ويا پاڻ سان ....

اڄي پنهنجو ڪوئي، مونکي ڏڳ لائي،
هوت وڃي ويا پاڻ سان ....

٦

ٽڪجي پيو انسان، ڳــوليندي انسان ڪــي،
ڳوليندي انسان ڪي ....

سسئيءَ وانگر صحرائن ۾، ڊيجي پيو انسان،
ڳوليندي انسان ڪي ....

حيوانن جي دنيا ۾ ڪو، وڏجي پيو انسان،
ڳوليندي انسان ڪي ....

ڦسو ڦسو حيف حياتي، لڇجي پيو انسان،
ڳوليندي انسان ڪي ....

پاڻ بچاءَ جي هٿيارن سان، ڦٽجي پيو انسان،
ڳوليندي انسان ڪي ....

ڪيئي ڪسن ٿـا، سوچڻ سچ چوڻ تي،
سوچڻ سچ چوڻ تي ....

ســاوا ڳاڙهـا سڪ سندا هي، سلا سڪن ٿا،
سوچڻ سچ چوڻ تي ....

منهنجا گيت به تنهنجي آڏو، ڏوهي ٿين ٿـا،
سوچڻ سچ چوڻ تي ....

ڪات ڪهاڙن وارا ماڻهو، اُلـري اٿن ٿـا،
سوچڻ سچ چوڻ تي ....

موت ڪري "منظور" هميشه، مرڪي مرن ٿا،
سوچڻ سچ چوڻ تي ....

ڏرتيءَ تان تون جوڏن وانگي، ساهه سيپٽي گهور،
جوڙ آهو ڏي جيءَ ۾ ....

مسڪ جي وڻڻي نيٺ ته ملندي، ڏونگر ويٺو ڏور،
جوڙ آهو ڏي جيءَ ۾ ....

واهه اڏائي ويندي آهي، محلاتن جي ڀور،
جوڙ آهو ڏي جيءَ ۾ ....

گل نه پنهنجي پٽ ۾ وجهجان، ڏاندا وڃي ٽور،
جوڙ آهو ڏي جيءَ ۾ ....

ڪر جي پر ۾ جيڪو ناهي، تنهن سان اندر اور،
جوڙ آهو ڏي جيءَ ۾ ....

(

منزل نـاهي دور اسانجي، چو ٿــا پيا گهٻرايو،
هلو ته وک وڌائي اڪرون ....

ڌرتي پنهنجي، سنگ به پنهنجا، پنهنجن ڪان لٽرايو،
هلو ته وک وڌائي اڪرون ....

ڪوڙ سان آهي جنگ اسانجي، ڪانئر ڪي ڪيرايو،
هلو ته وک وڌائي اڪرون ....

روهن واري راه وٺي چو، ڪنڊ پيا ڦيرايو،
هلو ته وک وڌائي اڪرون ....

٥

نيٺ ته آخر پيري ڪٺندا، چورن جو پيرو،
سوپ سگهوئي ٿيندي ....

هير گهلي آ هاٺي، ڏرندو جلندو هر جيرو،
سوپ سگهوئي ٿيندي ....

ماسو ڪين وڃي سو بچندو، جو آ سؤ سيرو،
سوپ سگهوئي ٿيندي ....

اڇا ۽ اجرا ٿي پوندا، حال جنين ميرو،
سوپ سگهوئي ٿيندي ....

ڏينهن سکن جا ويجها آهن، ڦرندو ڪو ڦيرو،
سوپ سگهوئي ٿيندي ....

مارن کي ”منظور“ نه آهي، غمن جو گهيرو،
سوپ سگهوئي ٿيندي ....

٥

ڳالهيون ڳچ ڪجو، سارن ساڻ ملي،
سارن ساڻ ملي....

ڪري قرب ڪچهريون، وڏو مچ ڪجو،
سارن ساڻ ملي....

ساڙي ڪوڙ سڀئي، سارو سچ ڪجو،
سارن ساڻ ملي....

عقل، ابوجهن تي، سارو خرچ ڪجو،
سارن ساڻ ملي....

O

رات انڌيري راهن ۾ تون، هيڪل ڪيئن هلندين،
رڳو پيو رلندين ...

آخر ڪيسين، ڏوران ويٺو، ڏاڍي ڏمر ڏسندين،
رڳو پيو رلندين ....

اندر ڪارڻ وچ ۾ ويهي، هڏ نه تون رچندين،
رڳو پيو رلندين ....

لاش ٿڌي جان ڳڳ ٿي ويندين، ساجهر جي سمهندين،
رڳو پيو رلندين ....

سور سمهڻ ڪو ڏيندا آهن، ڪنبيو پيو ڪنبندين،
رڳو پيو رلندين ....

اندر ۾ ابليس ويهاري، مرڪي جي ملندين،
رڳو پيو رلندين ....

هڪڙي ڪي "منظور" ڪو جي، ريتن ڪي پڇندين،
رڳو پيو رلندين ....

(۵)

ديس اسانجو جاڳي پوندو، ڌرتو ھي اندڪار،
مارو مڙندا ماڳ تي....

ايئن جياپو جاري رھندو، ڪونجن جيئن قطار،
مارو مڙندا ماڳ تي....

صدين جي ھن پيونءَ بنيءَ تي، ٿيندو شل سڪار،
مارو مڙندا ماڳ تي....

مات نہ آ ”منظور“ اسانکي، ٿيندا ھل ھزار،
مارو مڙندا ماڳ تي....

٥

سورهه ساماڻو، ڌرتي ڪندو سرهي،
ڌرتي ڪندو سرهي....

نسري پيهر نڪتو، جنهن هو ڪوماڻو،
ڌرتي ڪندو سرهي....

آخر منزل تي پهتو، ويا ڪل ويڳاڻو،
ڌرتي ڪندو سرهي....

اُجرا رنگ پڪيڙي، ڏيهي ڏاڏاڻو،
ڌرتي ڪندو سرهي....

اکيون نير ڪري، ڳهوري ويري مارجي،
ڳهوري ويري مارجي....

جڳ جو ٻيڙو تارڻ وارو، تارو شل تري،
ڳهوري ويري مارجي....

هل ٻڏي تون سندرو، ناهي پند پري،
ڳهوري ويري مارجي....

تيسين وار ڪري ونجو، جيسين هو مڇري،
ڳهوري ويري مارجي....

٥

ناهي ڳالهه ڳري، سچ تي سر ڏيڻ او سائين!
سچ تي سر ڏيڻ او سائين!

هر ماروءَ جي من تي سائي، پوندي باهه ٻري،
سچ تي سر ڏيڻ او سائين!

ڌرتي روشن ڪندي آهي، سچ جي ذات ذري،
سچ تي سر ڏيڻ او سائين!

شاهه عنايت صوفيءَ جي ڪا، آهي ياد تري،
سچ تي سر ڏيڻ او سائين!

تنهنجي سورن واري سرهي، موتئي ول وري،
سچ تي سر ڏيڻ او سائين!

سهڻيءَ وانگر آس اسانجي، آهي سير تري،
سچ تي سر ڏيڻ او سائين!

ڪا به انهيءَ ۾ ناهه ملاوت، آهي ڳالهه کري،
سچ تي سر ڏيڻ او سائين!

٥

هر ڪس پر ڪو ٻيو آهي، حاسد هيتناڪ،
هاڻي رهه نه اواڪ ....

من جو ميرو مرون مشاورو، ڇهري ۾ چالاڪ،
هاڻي رهه نه اواڪ ....

تنهنجي گهر تي تنهنجي آڏو، وڏو هلندو واڪ،
هاڻي رهه نه اواڪ ....

تي نه ائين تون چاٽي واڻي، چريو ۽ چيڙاڪ،
هاڻي رهه نه اواڪ ....

سچائيءَ جي وات وني تيءُ، ويرين لاءِ ويڙهاڪ،
هاڻي رهه نه اواڪ ....

ڪجهه جون ڳالهيون، ڪجهه نه رکجانءِ، ڀائو! تي بيباڪ،
هاڻي رهه نه اواڪ ....

٥

ڪنڌ نوائي ويٺي سوچي، ڪيڏي پل پئي،
ھـاڻي ڪل پئي ....

رلندي روھن ۾ سسئيءَ کي، پنھجي رات وئي،
ھـاڻي ڪل پئي ....

ٻيڏوھيءَ سان ڏاڍن ڏيرن، ڪيڏي آھ ڪئي،
ھـاڻي ڪل پئي ....

خبر نہ ھئي ڪا منڌ موکيءَ کي، ويندا ڏک ڏئي،
ھـاڻي ڪل پئي ....

سچ جا ڪين لٽيندي پيرا، رڻ جي ھيءَ رئي،
ھـاڻي ڪل پئي ....

هوش ڪري ڪو ڌرتي تي اڄ، اونڇو مچ مچايو ،
ٻيڙ ڪو پڙڪايو ....

واسينگن جو ويڙهو ويڙهي، ارڏي آڳ لڳايو ،
ٻيڙ ڪو پڙڪايو ....

وقت ورڻ جو ناهي هاڏي، وتري وک وڌايو ،
ٻيڙ ڪو پڙڪايو ....

پنهنجي هستي ناهي سستي، ٻورن کي سمجهايو ،
ٻيڙ ڪو پڙڪايو ....

راهه اها ”منظور“ اسان کي، جنهن ۾ سچ سمايو ،
ٻيڙ ڪو پڙڪايو ....

وسندو مينگهه ملهار، ڏرندو نه ڏڪار،
ٿيندي سائي سنڌڙي ....

هيل نه آن جو ٿيندو سائيو، آپ تائين انبار،
ٿيندي سائي سنڌڙي ....

ڪنهن پيي وستيءَ وا گهر نه وسندا، ٿيندو ڪونه شڪار،
ٿيندي سائي سنڌڙي ....

پنهنجي ڪم ۾ جنبجي ويندو، ڀيو نه ڪو بيڪار،
ٿيندي سائي سنڌڙي ....

سڀ جو سپنو، ساپيا پائي، ماڻيندا معمار،
ٿيندي سائي سنڌڙي ....

٥٥

راڄ ڇانئو آ، ڇنگهندو ڇرندو، ٻانهن کي لوڏيندو،
نيٺ ته رڙ هيون ٻاڏي اٿندو، پنهنجي پير تي بيهندو.

منهڙا سهڻا، ڇيڙا ڇوري، ٻاتا ٻاتا ٻول ٻڌائي،
”ٻوٻو، ماني، ٻاني، ڏانول“، هر ڪا ٿي شيءِ گهرندو.

تختي ميٽي، ڪلڪ سان ويهي، لفظن کي جوڙيندو،
لفظ لفظ کي دوست ٻڌائي، دل جو در کوليندو.

تاريخن جا ورق ورائي، هر هڪ دور مٽيندو،
ٻئي واري وقت ڪان ويندي، ايئن ئي سوچيندو.

هٿڪڙين ۾ هٿڙا ٻڌائي، مورن وانگي ٽلندو،
جيلن ۾ ٻي اوچو اوچو ڳات وڏائي گهمندو.

ڏرتيءَ جي هر ويسي تي هو، پنهنجي ئي مرڪن سان،
گل وڏائي، هل هلائي، خوشبوءِ ڦهلائيندو.

لهرن لک لباس-١٣٩

٥

سوچ اڄا به نه بدلائي جن، سي ڪيئن ڪوٽ ڪنبائيندا،
ديس جي خاطر ساهه ڏئي ڪيئن، پنهنجو پاڻ ملهائيندا.

اهڙو ڏينهن به ايندو آخر، هر ڪو هي محسوس ڪندو،
سيئي پنهنجا، پنهنجا هوندا، ڏاريو ڪين چوائيندا.

سستي جن کي ڪائي وڌي آ، هستي تن جي ڍاهي وڌي آ،
نيٺ ته چپ جي چادر چيري، ناهه نگيءَ جا ڍاهيندا.

ڪڪن جي لابارن ڪانپوءِ، ساري پونجي ساڙي هو،
ڪيستائين شرطون لائي، پنهنجا ڏاند پڄائيندا.

٥

ها، گھٽبو انڌيرو اماڻجي ڏکڻ جو،
وري اڀرندو سج آخر سڪڻ جو.

وري مرڪ مارڻ جي ايندي چپن تي.
پو ڏسبو نظارو حسين تن امڪڻ جو.

اڃهو سبز سارا ٿيا سنگ سونا،
هليو دور ويندو هتان جي ٻڪڻ جو.

اٿي پوءِ، ڪٿي ڏيھہ! ڏاتسا هتن ۾،
پري ورنہ ويندءِ هي جھوپو ڪکڻ جو.

ڌرتي اسانجي، حڪومت پرائي،
واه واه اسانجي ۽ شهرت پرائي.

ڌرتي آ جن جي ۽ درياه جن جو،
تنهن جي آ ساري هي دولت پرائي.

محنت مشقت تہ آهي اسانجي،
پر جا ملي آ سا اجرت پرائي.

اميدون نہ ٽوڙيو ۽ راهون نہ موڙيو،
ٿي رهندي پنهنجي، هي قدرت پرائي.

ڀلي قيد ڪر تون ڀلي مار مونکي،
اڌاري ملي ٿي هي عادت پرائي.

صبح سويرو سانگي منهنجا، هر هر هر هلائن ٿا.
رات جو پاڻيءَ جي واري اتي، مٺڙي ننڊ ڦٽائن ٿا.

سارو ڏينهن ڪري رکوالي، پنهنجن پنهنجن ٻارن جي،
رات جو پاڻ ۾ گڏجي ويهي، آکاڻيون ورجائن ٿا.

ڏک ۽ سک ۾ هڪٻئي جا هوءِ ساٿي آهن صدين کان،
برساتين ۽ طوفانن ۾ گڏجي سڀ گذارن ٿا.

ڪنهن سان ڪينو ڪو نه رکن ٿا، دشمن ڪنهن جا ناهن هو،
جيڪو رسندو آهي تن کان، تنهن کي سڀ پرچائن ٿا.

محنت ٿا ڪن ڌرتيءَ تي هو، فصل ڪارڻ سانجهه سوير،
ان لهڻ تي سانگي جهانگي، مرڪي عيد ملهائن ٿا.

(٥)

ساهه منجهائي،
پاڻ اُجهائي،
مينهو ڳيءِ ۾،
وڌو آهين.

پاڇو لڙيو،
روندهه اُڙيو،
ڪوڙن ڪڙيو،
ويٺو آهين.

پاڻ ڦرايو،
يار اجايو،
لاءِ لٽايو،
ويٺو آهين!؟

٥

ياد اٿين ڇو آهن پيار ڪلهوڪا ڏينهن ،
شڪاگو جي پورن ماريا ڪارا شينهن .

پورهيت ها يا رهون، انڌا منصف ها ،
گولين جا برسايائون بي منڌا مينهن -

اڄرج ۾ آ هرڪو بندش هوندي ٻيي ،
سر جو سانگو لاهي گڏجي مڙيا ڪيئن .

هٿ ۾ جهنڊا، هڻندا نعرا، هليا ٻئي ،
ڪين ڏنا مون ڪاٽي ٻيي ڪي اهڙا نينهن .

ڪوندر ڪيڏا ڪسندا رهيا آهن پر ،
وڌندو ڏاڍ، ڏمر ويو آهي جيئن پو تيئن .

٥

ڏس ! ڪيڏو آهي مجبور،
ديس اسانجي جو مزدور.

ٻار ٻچڙا ڪر ٻوڙها هن جا،
گهر ڏيـاڻي پڻ معذور.

هوندن به هو ته مهان هيو پر،
شڪاگو ڪان ٿيو مشهور.

اهڙو ٿيو ڇو حـال اٿس،
ٻن ڇڙه ٻو چڙ وڻ ٻن ٻور.

نيمث ته هن جو ورندو وارو،
نيمث ته لهندو هن جو سور.

لهور ـ لـ، ـ ١٤٦

٥

عمر ننڍڙي ڳالهيون هيڏيون ،
ڇوري ڏئي ٿي چالون ڪيڏيون .

جوڀن اهڙو آيو هن تي ،
حيرت ۾ سڀ آهن جيڏيون .

آئيني ۾ نقش ڏسي پنهي ،
ناهي ڪيئن اٿم اکيون ٽيڏيون .

ڪيئن ٿم هن ڪان رنج رهن ٿيون ،
جيڪي آهن هن سان ڪيڏيون .

٥

منهنجو ننڍپڻ ياد آ مونکي،
ڪنجهڻ ڪرڪڻ ياد آ مونکي.

تنهنجو منهنجو راند ڪرڻ تان،
روئڻ پرچڻ ياد آ مونکي.

ٿوري ڳالهه تان مون لئه تنهنجي،
دانهن ڀي ڏيڻ ياد آ مونکي.

ڏوتل پوتل ڪپڙا پادي،
ڏوڙ ۾ ليٽڻ ياد آ مونکي.

ڪيڏي ڪيڏي ٿڪجي ٿڪجي،
ڪاٿڻ سمهڻ ياد آ مونکي.

ڳوٺ جي ننڍڙيءَ واهيءَ تي،
ترڪڻ تڙڳڻ ياد آ مونکي.

نہ تون رهندين نہ مان رهندس ،
فقط يادون وڃي رهنديون ،
نہ رهندو ڪو بہ مٿہ خانو ،
نشانيون بس وڃي رهنديون .

عمر ساري نہ سک ورتم ،
هن بي درد دنيا ۾ ،
رهي منهنجي ڇيانئي بس ،
رڳو همدرد دنيا ۾ .

جيئڻ آهي فقط پين لئہ ،
رڳو خود لئہ جيئڻ ڪهڙو ،
نشو جنهن ۾ نہ ڪو آهي ،
پلا اهڙو پيئڻ ڪهڙو .

٥

سوڙ جلدي سبان، مونکي ڏوري آڻي ڏجان.
جـاني ، وڏي توکي جتان ،
سوڙ جلدي سبان ....

ڏاڏو پيو سيءُ، سوڊا! هاڻي آيو ٿيءُ ،
تنهنجون راهون ويٺي ڏسان ،
سوڙ جلدي سبان ....

جڙيو توسان جيءُ، اڇي ويجهو سڄڻ! ٿيءُ ،
تنهنجا پيرا پيٺي ٻچان ،
سوڙ جلدي سبان ....

آءُ پرين آءُ ، جيئن واهوندي جو واءُ ،
توسان مرڪي آءٌ ملان ،
سوڙ جلدي سبان ....

٥

جا ڌرتي سوني ساري آ، تنهن سون سڄو سرڪاري آ،
هي ديس آ منهنجي مارن جو.

سڀ ڏينهن وڏيرن پيرن جا، ۽ سادو هاري ناري آ،
هي ديس آ منهنجي مارن جو.

ڇو رڃ ڪتا ويڙها ٻڌي ي، تن عمر اٿين ٿي ڳاري آ،
هي ديس آ منهنجي مارن جو.

هت عالم، فاضل ڪيئي هن، پر [illegible] بيڪاري آ،
هي ديس آ منهنجي مارن جو.

هر هنڌ پسو بيڪاري آ، هيءَ سنڌڙي سوني ساري آ،
هي ديس آ منهنجي مارن جو.

SOORIH SINDHI ADAB

طبقاتي ڀت

تنهنجي، منهنجي وچ ۾،
جن جوڙي طبقاتي ڀت،
تنهن ڪي ڏسي،
جيڪڏهن جيئرا هجن ها،
ڇهن جا رازا اُهي سا ڳيا
(جن ناهي هئي ديوار چين)
ڏسي اچرج سنجهان،
ڏنديون وجهي هو آ ڳريون
تن ڪي مارڻ لاءِ،
هر طرف نڪري پون ها،
جهنگ، ڀاڙي ۽ جبل،
جها ڳيون،
نيٺ ڳولي هو لهن ها،
جنهن ڪي تو ۽ مان نه ڄاڻو،
جيتونيڪ،
ڀت تنهنجي ۽ منهنجي وچ ۾ جڙيل آهي.

O

SOORIH SINDHI ADAB

قاضي منظور

اصل نالو: منظور علي قاضي.
جنم: غوث پور، ضلعو جيڪب آباد،
١٩٥٦ع (برج: اسد).
هاڻوڪي رهائش: ذوالفقار باغ
... لاڙڪاڻي ۾.
تعليم: بي اي، ايل ايل بي.
ازدواجي حيثيت: پرڻيل.

هن اريلي شخص کي اوهان هر ڏاتيو جيئن سگهو ٿا. سياست ۾ سرگرم رهي سنڌ جي مٽر ۽ ان کان پوءِ جي اعليٰ سياسي شخصيتن سان قربتون مائيون اٿائين. لاڙڪاڻي جي بار ائسوسيئيشن جو ميمبر آهي. اُٿ ويهڻ ... ڪيس ڌاڙي نه سگهبو ته کهڙي سماج ... طبقي سان واسطو اٿس ... س ڊرائيونگ اهڙي خطرناڪ آهي ... ڪيس "...را جي ريشن" ۾ حصو وٺڻ کپي ها. سنڌ جا ... اهڙا وسيع ڪونهن، پوءِ به ايا موٿر ڪانه پيڳي اٿس. سياست بدران ڪيس اظهار جو وسيلو ادب ۾ نظر آيو. اندران جيڪو ماڻهو (اِنر- سيلف) ٻاهر نڪرڻ لاءِ آتو هؤس، تنهن ڪيس شاعر بنڻ ... ڪري وڌو. وسيع سماجي تعلقات جي تجربن ۾، انساني رشتن ۾ جيڪي دغائون ۽ منافقيون آهن تن تي چٿر جو موقعو اسانجي طبقاتي سماج ۾ ... لطيف بنا دپ ڏاءَ ۾ وجڻ جي فراهم ڪري ڏوه زندگي جو ... ڌرتيءَ جي جماليات ۽ ان سان ڳانڍاپو، اعليٰ انساني قدرن جو احساس ۽ انهن کي بچائڻ جي ذميداري به ادب و... پلوڙ نمرني نڀائي سگهجي ٿي. هن پنهنجي شاعريءَ جا موضوع به اهي ... ڪيا آهن. نئين ...ڪرين تي ڪ... هن ڪڏهن جديد شاعري پاڻ به ايندو آهي، جنهن ۾ سنڌس، شوق جو عمل دخل آهي پئي ڪٿهن ويچار جو نه پاڻ تي ۽ سنگتين تي ويڳاڻپ طاري ٿيڻ اصلي نه ڏيندو ۽ ڪونه ڪو حل ڪڍيون ايندو. ڪيس سندس شاعريءَ جو هيءُ ڀريون ... ڪتاب پڙهندڙن ۾ پايءَ پت متعارف ڪرائيندو، ۽ هو ليندو به پنهنجي شاعريءَ ...

— هدايت منگي

Soorih Sindhi Adab

جي لهوارو لوڪ وهي ، تون اوچو وهه اويار

0344 3919786

0300 3404488

Sahib Khan "SOORIH" Mirani